# مون توکي پيار ڪيو

ڪهاڻيون

پوپٽي هيرانندائي

donated from
Suleman A. Memon's
personal library

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# مون توکي پيار ڪيو

## ڪهاڻيون

پوپٽي هيراننداڻي

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو **سٺهون** ڪتاب

ڇپائيندڙ — نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.

ٻيون ايڊيشن — نومبر 1984ع

ڇپيندڙ — شهباز پرنٽرس پريس، نزد تلڪ چاڙهي،
سامهون سلطاني مسجد، حيدرآباد، سنڌ.

ٽائيٽل ڪئليگرافي — فتاح

پهريون ايڊيشن — مئي 1975ع

ڇپائيندڙ — پوپٽي هيرانندائي

ڇپيندڙ — سريچند ـ ڊي ـ آهوجا، ڪومل پرنٽرس
ڪوپري ڪالوني، ٿاڻا (مهاراشٽرا)

**قيمت -/12 رپيا**

(سڀئي حق ۽ واسطا قائم)

---

MUN TOKHE PYAR KAYO (Short Stories) by POPATI HIRANANDANI. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohd. Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition May 1975. Second Edition November 1984. Price Per Copy Rs: 12/-

# فهرست

صفحو


| | | |
|---|---|---|
| ١. | مهاڳ | ٤ |
| ٢. | مون توکي پيار ڪيو | ٩ |
| ٣. | دل جو ڦهلاءُ ۽ من جي سوڙهه | ٢٣ |
| ٤. | سرهو سرهو پيار جنهنجو تکو تکو وار | ٣٨ |
| ٥. | هيءَ ڪلئوپيٽرا ۽ هوءَ | ٤١ |
| ٦. | دائمي پياس دائمي تلاش | ٥٠ |
| ٧. | منهنجي ناني | ٦١ |
| ٨. | برهما جي پل | ٦٨ |
| ٩. | سوني آما | ٨٢ |
| ١٠. | هيءَ ذات پرواني جي | ٨٨ |
| ١١. | مان بي وفا نه آهيان | ٩٣ |
| ١٢. | ڊائري | ٩٩ |
| ١٣. | ڪاربون اڪيون | ١٠٦ |
| ١٤. | هائجڪنگ | ١٢٠ |

# مهاڳ

آديءَ جو حڪم ٿيو ته ڪتاب تي مهاڳ لکان ۽ مان ”اوم نمو شوايه“ چئي لکڻ شروع ٿي ڪريان. ڇاڪاڻ ته ٿي ته نه اٿم تنقيد جو ڏانءُ ۽ نه ئي وري ماڳ جي مهاڳ تي هلڻ جو هنر ۽ نه ئي خيالن کي پين جا ٽيڪا ڏيڻ وارو شارٽ ڪٽ. جڏهين ته شارٽ ڪٽ جو رواج ادب ۾ تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. اِها ٽيڪنڪ اڪثر تڏهين ڪم آئبي آهي جڏهين گوڳڙوءَ ڏان متي لاهڻي هوندي آهي يا ان حالت ۾ جڏهين صاحب ڪتاب کي پورو پڙهيو نه ويو هجي. مون ته رکو پوپٽيءَ جون ڪهاڻيون پڙهيون آهن پر ڪيس به پڙهيو آهي. منهنجي لاءِ اِهو وڏو اعزاز آهي جو مان هند سنڌ جي مقبول ۽ معتبر ليکڪا جي لکڻين تي پنهنجا خيال ظاهر ڪريان.

پوپٽي هيرانندڻيءَ جي شخصيت توڙي فن پڙهندڙن کان لڪل ناهي. هوءَ گذريل ڪيترن سالن کان سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ طبع آزمائي ڪري رهي آهي. ان کانسواءِ هن آدب جي پين ڪيترين ئي صنفن تي قلم هلايو آهي. سندس تنقيدي ڪتابن، مضمونن ۽ ناولن کي ادب ۾ منفرد مقام حاصل ٿيل آهي.

بيدار ذهن، آزاد خيال ۽ مذهبي بغض کان آجي ليکڪا پوپٽيءَ سدائين انسان ذات جي ترقي ۽ ڀلائيءَ لاءِ سوچيو

هن ڏانهن به سڀني ڪرڻ جو ڪڙڪو ٻڌيو وڃي.
مونکي پڪ آهي ته هميشه جيان سندس پڙهندڙ هن ڪتاب جي به دل سان آجيان ڪندا.

**ماهتاب محبوب**
حيدرآباد سنڌ

۱۴ جنوري ۱۹۸۳ع

# مون توکي پيار ڪيو

**منهنجو مڱڻو** ٿي چڪو هو.

ٿيندڙ پتي مون ڏٺو هو. عام هندستاني استريءَ جيان مان پنهنجي دل ۾ هن لاءِ هڪ اهڙو احساس پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيس جنهن مان سڀ جو سڀ لهرون اٿي، ان هڪ شخص جي چوڌاري ڦرن ۽ ڦرن بہ اهڙيءَ طرح جيئن منهنجي دل جي جذبات ائين گهري ٿي وڃي، جيئن پاڻيءَ جي گول گول ڦرڻ سان هڪ اونهي ڪڏ ٺهي پوندي آهي.

پر جيستائين منهنجي دل مان جذبات جون لهرون اٿي هنجي چوڌاري ڦرن ٿي ڦرن، تيستائين **نون** اچي وئين!

منهنجي مڱڻي کان نيڪ ٿي ڏينهن پوءِ تون اسانجي فلئٽ جي سامهون واري فلئٽ ۾ هڪڙو ڪمرو مسواڙ تي وٺي اچي رهئين، تون آئين ۽ مان بي اختيار توکي پيار ڪري ويٺيس.

استري پيار ڇو ڪندي آهي؟ ڇا هرڪنهن استريءَ جي پيار ڪرڻ جو سبب ساڳيو هوندو آهي؟ استريءَ ۾ ماتاپڻو آهي، ان ڪري ڪنهن پرش جي مجبوريءَ تي ڪيس قياس اچي ويندو آهي جو قياس ممتا جي صورت اختيار ڪندو آهي. استري گهر جي سنهين ٿلهين ڳالهين ڪرڻ جو شونق رکي ٿي. ان ڪري ڪنهن بيگاني جي رليل گهر کي سنڀالڻ جي اپلاڪا وچان ان بيگاني لاءِ سندس دل ۾ موه پيدا ٿي

ويندو آهي. استريءَ جي عصمت تي سندس مرضيءَ خلاف حملو ٿئي ۽ ڪو پنهنجي شرافت ۽ ٻانهن جي ٻل سان ڪيس بچائي وٺي ته ان ”ڪنهن“ جي مورتي سندس من تي اُڪرجي ويندي آهي. استري، استري آهي. ڪنهن پرش جي مذڪرپڻي سان سينگاريل مورت ڏسي ۽ هن جي مرداني حشمت پسي اوءَ هن جي قدمن ۾ جهڪڻ لاءِ تيار ٿي ويندي آهي. دماغي ڏيا سان سينگاريل ٻا ڪلا جي ديوي کي پوڄيندڙ مثان هرڪا هاري ويهندڙ ٻه ته جهجهون ئي آهن.

ڪاليج ۾ پڙهندي گهڻين ئي اهڙين ڇوڪرين کي ڏٺو هئم جي (Dabate) ۾ رواني‌ءَ سان ڳالهائيندڙ يا مئگيزن ۾ سٺو لکندڙ پنيان ديوانيون هونديون هيون. منهنجي هڪ ساهيڙيءَ پنجيتاليهه ورهين جي هڪ گجراتيءَ سان صرف ان ڪري شادي ڪئي ڇاڪاڻ ته هو هڪ سٺو شاعر هو.

پر منهنجي پيار جو سبب مونکان ڳولهيندي به نه ٿو لڀي. نه تون سڪندر اعظم جيان لوهي بدن ڪٺي گهوڙي تي چڙهي نڪرندو هئين ۽ نه تون چترڪار يا سنگيتڪار هئين. نه تو ڪڏهين منهنجي اڳيان رنو هو ۽ نه ڪنهن بدمعاش ڪڏهين منهنجي عزت تي حملو ڪيو هو. تنهن جي ڏن سمپتي ڏسي منهنجو من للچائجي ويو هو، ائين به ته نه آهي. خبر هيم ته تون پنهنجي لاءِ پاڻ ئي ڪجهه رڌي وٺندو آهين. تڏهن به خبر ناهي ڇو تون منهنجي رڳ رڳ ۾، من جي هڪ هڪ خيال ۾ ۽ دل جي هرهڪ ترنگ ۾ سمائجي وئين!

مونکي تنهنجي اچڻ وڃڻ جي وقتن جي ڄاڻ هئي. صبح

جو نوين ٻجي گهران نڪرندو هئين ۽ منجهند جو هڪ لڳي پنجويهہ منٽ ٿيندا هئا تہ گهر ۾ گهڙندو هئين. وري ٽي ٻجي نڪرندو هئين ۽ شام جو ساڍي ستين ٻجي گهر ايندو هئين. پوءِ هڪ ٻئي پنيان تنهنجا ٽي چار دوست ايندا هئا ۽ تون انهن سان ٻاهر هليو ويندو هئين.

ڪڏهن ڪڏهن تون رات جو دير سان موٽندو هئين. جيستائين تون نہ اچين تيستائين مونکي ننڊ ئي نہ ايندي هئي. تنهنجي اچڻ جي آهٽ ٻڌي منهنجي بيچيني دور ٿي ويندي هئي ۽ منهنجون اکيون ٻوٽجي ونديون هيون.

هيءَ ڳالهہ پڙهي، تون شايد کلي ويهين ۽ انکي هڪ بنايل ڪوڙ سمجهين. پر خبر اٿيئي تہ پيار جي جادوءَ جي اثر هيٺ دماغ جي دليل ڏ وڙائڻ واري طاقت سان گهڻجي وڃي ٿي پر ٻين سڀني حواسن جي شڪتي نهايت ئي تيز ٿي ويندي آهي.

تو مونسان ڪڏهين بہ نہ ڳالهايو هو، پوءِ بہ مان تنهنجي دوستن جي وچ مان تنهنجو آواز سولائيءَ سان سڃاڻي وٺندي هيس. تنهنجي چابي ڦيرائي دروازو کولڻ جي نموني يا در بند ڪرڻ واري نڪاءَ جي نموني کي بہ چڱيءَ طرح سڃاڻان. تون لفٽ وٽ هيٺ يا مٿي بيهي، گهنڊڻي وڄائيندو هئين تہ مونکي معلوم ٿي ويندو هو تہ توکي ئي لفٽ گهربل آهي ۽ تون ئي ان نموني گهنڊڻي وڄائي رهيو آهين. پهريـن آهستي ۽ ٿـوري وقت وارو زور پوءِ دٻاءَ ۽ گهڻي وقت وارو زور....

سيلاب جلن بڻجي وهي هليو. آگ گهڻن ئي قسمن جي ٿيندي آهي، سورج جي ساڙيندڙ اُس، بادل جي تڙڦائيندڙ وڄ، پاڻيءَ ۾ سمايل ٿڌي باھ، سرير ۾ ان پڇائيندڙ جنرا گني — پر استريءَ جي دل جي هيءَ جلن سڀ کنهن نموني جي تپت کان وڌيڪ تڙ رکندي آهي. اُن وقت جڏهين تون هن کي ساڻ ڪري پنهنجي گهر اندر گهڙئين تڏهين مان جڻ ڇيهون ڇيهون ٿي پيس. جيئن نہ ريشمي ڪپڙي کي پٽر تي سٽيو آهي تہ اوُ ليڙون ليڙون ٿي پوندو آهي تيئن منهنجو من ڇڄي تندون تارا ٿي پيو. گهڙيءَ من کي سمجهايم تہ هوءَ تنهنجي ڪا متياڻي به ٿي سگهي ٿي، ائين بہ پاڻ کي چيم تہ آخر تون منهنجو ڇا لڳين؟ منهنجو تو تي ڪهڙو اختيار آهي؟ پر....

مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ تنهنجو خيال منهنجي من ۾ اچيئي نہ. پر اوُ آيو ئوروئي ٿئي؟ اهو تہ منهنجي من ۾ ائين اٽڪي پيو هو جيئن مڇيءَ جي وات ۾ ڪنڊي اٽڪندي آهي! بس، مان لڇي رهي هيس. منهنجو سرير ۽ منهنجي آتما ٻئي گڏجي، ملي هڪ ٿي تولاءِ تڙڦي رهيا هئا. منهنجا ڪن، منهنجون اکيون، منهنجو من ۽ منهنجي اندر پيو جيڪي ڪجهہ هو، تولاءِ واجهائيندا هئا.

مونکي ائين لڳندو هو جڻ مونکي ڪنهن بہ اڌ ڪري ڇڏيو آهي ۽ تون منهنجو ٻيو اڌ آهين. تون جڻ ٻيو "مان" هئين، جڻ تون منهنجي زندگيءَ جو نچوڙ هئين.

پر تون انهن سڀني ڳالهين کان بيخبر هئين! منهنجو من هزارين اکيون بڻجي توڏانهن نهاريندو هو پر تون هڪ نگاهہ

نمونن جي سينگار ۽ سجاوت منهنجي من جي ڪهڙي حالت بڻائي، بس، مان ئي ٿي ڄاڻان!

مان در مان ٻاهر نڪتس. منهنجي دل جو درد غبار بڻجي منهنجي اکين اڳيان ڦهلجي ويو! بجلين جي تيز روشنيءَ ۾ به مون ڏاڍو ڪارو ڏٺو!

سامهون تنهنجو دروازو بند هو. مون تنهنجيءَ چائنٺ وٽ هڪ سوغات رکي! سوکڙي توکي ڏيڻ کپندي هئي. ٻيو نه ته هڪ دعائي ڏين ها! پر تنهنجيءَ ذات ۾ اهڙو رواج ڪٿي؟

خبر اٿيئي توکي ڪهڙي سوکڙي ڏنم، وڃڻ ويل؟ هڪ شڪايت ئي ڏنم، ”ظالم! مون جهڙو پيار ٻيءَ ڪنهن وٽان نه ملندءِ!“

منهنجو هٿ ٻئي جي هٿ ۾ مضبوطيءَ سان جهليل هو. ان ڇهاءَ مون ۾ نه ڏڪڻي پيدا ڪئي ۽ نه ڪا لرزش ئي آندي. توکان پري وڃڻ جي خيال منهنجي دل جي دک دک کي منهنجي اوندڙين وٽ آڻي ڇڏيو هو. آها دک دک آتي اهڙي زور سان متڙڪا هڻي رهي هئي جو مون ۾ ڪجهه ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي طاقت ئي ڪانه رهي هئي!

پانيڻ ويڌي پڙهي، ساهڙين ڪليوپٽي، مڱڻ مائٽن به ڪجهه چيو پئي پر مان ڇڻ نيم بيهوش هيس. آپريشن ڪرڻ مهل جيئن بدن جي ڪنهن ڀاڱي کي سڃي هڻي اهڙو نستو ڪري ڇڏيندا آهن جو ان ٽڪر کي ڪپڻ وقت به ائين سمجهبو آهي ڄڻ منهنجي نه پر ٻئي ڪنهن جي عضوي کي ڪپي رهيا آهن، تيئن منهنجو من به اهڙو نستو بڻجي پيو هو جو

مون ائين پئي سمجهيو ڄڻ منهنجو نه، پيءُ ڪنهن جو ڌي وواهه ٿي رهيو آهي!

مون ڦيرا به ڏنا، پر منهنجي دل جي آنسن منهنجا پراڻ پڇائي پت ڪري ڇڏيا هئا. ان ڪري قدم کڻڻ ۾ مونکي نهايت گهڻي تڪليف ٿي رهي هئي.

شادي ٿي ويئي!

ان ڪانپوءِ ڇا ٿيو سو ڪيئن ٻڌايانءِ؟

تون استري هجين ها ته منهنجي ڳالهه سمجهي به سگهين ها. تون پرش آهين. مرد سولائيءَ سان شرير ۽ من کي هڪ ٻئي کان الڳ ڀيهاري، پيار هڪڙيءَ سان ۽ شريرڪ سنبند ٻيءَ سان رکي هلي ويندو آهي! پر مان....

پلا ايترو ته ضرور ڄاڻندو هوندين ته استري ۽ پرش جي سنبند ۾ بجليءَ جي ڌارا جو اثر تڏهين پيدا ٿيندو آهي جڏهين اهي ٻئي دل جي رشتي ڪري چقمق واري ڪشش سان هڪ ٻئي طرف ڇڪبا آهن. جيئن باهه جي پٿرن جي گسڻ سان چڻگون نڪرنديون آهن تيئن پريم جي مستيءَ سان ڀريل دلين وارا سرير اهڙي آتش پيدا ڪندا آهن جو انجي سهاري سندن زندگي پوري ميزان تي ٽڪي بيهندي آهي.

سماجڪ روايت جو ذڪر نه ٿي ڪريان پر دل جي اونهي احساس بابت ٿي ڪجهه چوان ٿي. ڏينهن ۾ ڏهه پيرا هنجي يعني پنهنجي پتيءَ جي حاضريءَ ۾، تنهنجو تصور ڪندي مان فرض ۽ ڌرم جي دائري سان ٻاهر نڪري

هڪ. منهنجي سيني مان اڃا به رت ٽپڪي رهيو آهي .... مان مري ويئي آهيان .... تون منهنجي موت بابت ٻڌي هليو آيو آهين. منهنجي لاش وٽ ويهي، منهنجو سر گود ۾ کڻي منهنجي سيني چمي رهيو آهين ........

صبح ٿي ويو. مان جاڳي هيس پر مون اکيون نه کوليون. ڊپ پئي لڳم ته متان تون ڪليل اکين رستي منهنجي دل مان نڪري ڀڄي نه وڃين!

هاڻ اکيون کوليون اٿم....توکان پڇان ٿي ته تون منهنجي موت تي ايندين؟ اوهه .... منهنجو جيئڻ ۽ مرڻ سڦل ٿي ويندو پوء. توکي ان روپ ۾ حاصل ڪرڻ لاء مان خوشي سان مرنديس.

نه .... نه اڃا متان اچين. صرف خواب ۾ آيو آهين ته منهنجي انگ انگ ۾ خوشبوء ڦهلجي ويئي آهي. جي سچ پچ اچي وئين .... ته مونکي ڊپ آهي، متان مان ان وقت مٿل مان زنده نه ٿي پوان!

نه مون وٽ نه اچ، منهنجي جيئري نه ۽ منهنجي مئي به نه ....

مون توکي پيار ڪيو آهي. انوکو ۽ مڪمل پيار. منهنجي هڪ ئي چاهنا آهي .... ٻئي جنم ۾ به توکي ائين ئي پيار ڪريان .... بلڪل هن طرح .... تون منهنجو پاڙيسري ٿين ۽ مان تنهنجي اڏواقف پاڙيسرڻ.

# دل جو ٿڌڪار ۽ من جي سوڙهه

هريش اسپتال ۾ آيو ته سڀني پر هو ڏاڍو منجهيل هو.
اڄ ٿي نه، جڏهن کان هن جئسيڪا جي گرپوتي هئڻ
جي خبر ٻڌي هئي تڏهين کان هنجومن ٻوساٽ محسوس
ڪري رهيو هو. هن کي ائين لڳي رهيو هو ڄڻ ميندي لڳل
مشڪندڙ شام اوچتو اداس ٿي ويئي آهي. صبح وارو سوني
گلاب جيان مهڪندڙ سج به ڪومائجي ويو هو. ڏرتسي
آڪاش جي هيتري ٿڌڪار هئڻ جي باوجود هو من ۾ سوڙهه
محسوس ڪري رهيو هو.

اڳي رات جو جيڪي تارا پيارا پيارا ڏيئا پياپاسندا هئا سي
هاڻ ڪنهن ڏکئي ۽ منجهيل حساب جي انگن وانگر لڳي
رهيا هئا. کيس خبر ئي نه ٿي پيئي ته انهن انگن جو جوڙ
ڪريان يا ڪٽ؟ ونڊ يا ضرب ڪرڻ سان به جواب نه ٿي
نڪتو. حساب ڪندي ڪندي هن جي رات گذرندي هئي.
صبح جو هو موڳو ۽ ٿڪل ٻڌجي ئي آٿندو هو.

جسيءَ جي گرپ ٿيڻ واري خبر پوندي ئي هن ايڪسپريس
ڊليوريءَ رستي بنگلور ۾ خط لکي موڪليو. جواب ناچڻ
تي موڪل وٺي هو پاڻ بنگلور هليو ويو. پر سندس مسئلو
حل نه ٿيو. پانيائين ته ڪونه ڪو بهانو ڪري بمبئيءَ کان
ٻاهر ئي رهي پوان. پر آخر ڪٽي پنڪندو وتي؟ ۽ سو به
ڪيستائين پنڪي؟

بمبئيءَ ۾ واپس اچڻ تي هنکي لڳو ته گلن جي وچمان گذرندڙ زندگي اوچتو موڙ کائي ڪٽرپڙ رستي تان هلڻ لڳي آهي. اڳي جو هنکي پنهنجو گهر سرڪس جي راجا اندر جي محل جو هڪ حصو لڳندو هو، هاڻ هڪ غفا ڀاسي رهيو هو. غفا–جنهن ۾ لنگهه کان گذري اندر وڃڻ بعد واپس موٽڻ وقت سڀ واهون ڇڻ بند ٿي ويئون هيون!

پڇڻ تي هنجي هڪ واقفڪار ڊاڪٽر رامچند چيو، ”ائين ممڪن آهي ته ڪونه.... اهڙو اتفاق مون ته نه ٻڌو آهي.... پر ڇو؟ تون اهڙيون ڳالهيون ڇو پيو پڇين؟“

هريش چوڻ تي هو ”تهپوءجئسيڪا....“ پر هوپنهنجي ڳالهه کائي ويو.

هنکي خيال آيو تهجئسيڪا کي چوان ته ”ٻارڪيرائي ڇڏ“ پر هوءَ ضرور پڇندي ته ”ڇو؟“ تڏهن ڇا چوانس ته ”ٻار منهنجو ناهي؟“

هوءَ ضرور پڇندي ته ”ڪيئن ٿو سمجهين ته تنهنجو ناهي؟“.... پر هيءَ ته هڪ سنگين الزام آهي؟ ڪنهن تي؟ هن تي يا مون تي؟

جئسيڪا سندس پر ۾ ئي ستي پيئي هئي. مسلسل ساهه کڻڻ سان سندس ڇاتي هيٺ مٿي ٿي رهي هئي. هنجو سينو اڳي کان ڪجهه وڌيڪ ڀريل ڀسڻي لڳو. هنجي پيٽ تي نگاهه پوندي ئي هريش جي دماغ مٿان وحشانيت جو ڀوت سوار ٿي ويو. هن جئسيڪا جي ڳچيءَ ڏانهن هٿي هٿ وڌايا.... سندس هٿ جون آڱريون ڍلجي ويئون ....سينجي

ويئون ....

جئسيڪا پاسو ورايو. سندس هڪ هٿ ڪاڏيءَ هيٺان هو ۽ ٻيو ڳچيءَ ۾ منهن مٿان. ٽنگون ٽوريون مٿي ڪري، ڪرونڊڙي ٿي هن ڇڻ پيٽ جي رکيا ڪري ورتي!

هريش جو سڄو شرير پگهر سان شل ٿي ويو. سندس نڙي سڪي ويئي!

اُٿي، ڪمري کان ٻاهر اچي ٽٽپڪن ڪٽي منهن ۽ ڇاتيءَ جو پگهر اُگهڻ لڳو. هن پاڻي پيتو. پيتو نه، ڇڻ ڏوگهيو.

پوءِ بالڪنيءَ ۾ پيل آرام ڪرسيءَ تي ئي ويهي رهيو. هو اندر وڃي نه سگهيو.

صبح جو ڪيس خيال آيو ته جئسيڪا کي سڀ ڪجهه ٻڌايان. ٻڌائڻ ۾ ڇا هي؟ منهنجي زال ئي ته آهي!

پر جڏهين جئسيڪا سندس سامهون آئي تڏهين هنجي زبان کلي نه سگهي. گهڻوئي پاڻ کي سمجهايائين، ”ڇئي ڏي. مان نه چوندس ته ڪير چوندو؟ هنکي نه ٻڌائبو ته ڪنهنکي ٻڌائبو؟“

پر ڇا هينئر ٻڌائبو؟ بهتر ڪين هو ته ڪيس شاديءَ کان اڳ ۾ ئي ٻڌايان ها؟

آف .... ”تنهن کان ته شادي ئي نه ڪريان ها!“

جئين جئين جئسيڪا جو پيٽ ٻاهر ٿي نڪرندو آيو تئين تئين هريش جو من اندر مسندو ٿي ويو.

اسپتال ۾ هريش ڪمري جي ٻاهران ئي ويٺو هو. ويٺو

۽ ننڍڙو بدن پنهنجي منهن وٽ آڻي هوءَ گد گد ٿيڻ لڳي.

جئسيڪا جي پيٽ ڳليءَ کي پيٽوئي اڳيان ڪجهه حجاب ٿي رهيو هو. هن ٻار ڪنيو ۽ آهستي صرف هڪ دفعو هن جي ڳل تي مٺي ڏنائين .... هاڪي .... ٻنا آواز واري مٺي ....

هريش جي ٻڌي آئي. جئسيڪا جي پيٽ ڪان ڪپڙي ۾ ويڙهيل ٻار وٺي هن پنهنجي هنج ۾ ڪنيو. ”اڙي! نانوءَ تي ويو آهي! نس ٻس جهڙو نانوءُ وينو آهي. آهي ٿي اکيون .... آها ٿي ڪاڏي ....“

هريش چرڪ پريو! سندس دماغ تي چڻ ڪنهن ڌڪ هنيو .... زوردار ڌڪ .... پنهنجي ڪم فهميءَ تي هنکي عجب لڳو. ”مونکي اهڙو خيال ڇو ڪين آيو؟“

گهر اچي هو چپ چاپ ليٽي پيو. دک، ڪروڌ، نفرت ۽ پيو ٻہ ڪجهه هنجي من کي ويڙهي ويو! پاسا ورائيندي ڪيس ياد آيو ....

آپوس انب اچان تازو ئي نڪتا هئا. پندرهن ريئي درزن جي حساب سان هي ڇهه‌انب‌وٺي آيو. فرج مان انب ڪيدي جئسيڪا چليو ۽ وڍيو. ”نانوءُ! انب کائيندين؟“ هن پليٽ نانوءَ جي هٿ ۾ ڏني. ڳالهه بلڪل خسيس هئي پر هريش کي ان وقت ڏاڍا خار لڳا هئا. ”پهرين مونکي ڏي ها ڪين! ....“

ٻئي دفعي شام جو هريش آفيس مان موٽيو. نانوءَ کي بخار هو. جئسيڪا نانوءَ جي مٿي تي ٿڌي پاڻيءَ جي پٽي

رکي رهي هئي .... هريش سڏ ڪيو .... ”جسي!“ جواب نه آيو. هريش ڏانوءَ واري ڪمري ۾ گهڙندي واڪي سان سڏ ڪيو، ”جئسيڪا!“

جئسيڪا پنيري هئي. سامهون ڦري چيائين، ”واڪو واڪاڻ ڇو لڳائي اٿيئي؟ اڃا هينئر ته اک لڳي اٿس.“ هريش من ئي من ۾ چيو هو، ”هنجو ايترو خيال! ۽ منهنجو....“

ٻيون دفعو --- هريش ڪپڙا مٽائي اچي بستري تي ليٽيو. جئسيڪا ڪمري ۾ آئي. هريش ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪيو ....

ٻاهريون در کلڻ ۽ بند ٿيڻ جو آواز آيو .... جئسيڪا پاڻ ڇڏائيندي چيو، ”ڏانوءَ کي ماني ڏيئي ٿي اچان .... ڪڏهن ٿو گرم ماني کائي ....“

ڏانوءَ کي ته گرم ماني ملي پر هريش جو اُمنگ ٺرو ٿي ويو! هو ٻاسو ورائي سمهي پيو!....

يادگيريون جڏهن اسهيه ٿيون تڏهن هريش آٿي وينو هن ڏند ڪرٽيا. ”اڄ اچڻ ڏينس .... پيڻ چو --- کي!“

هو بالڪنيءَ ۾ ائين ٿي اچ وڃ ڪرڻ لڳو جيئن زوُ جي پڃري ۾ ڪو جهنگلي جانور ڪندو آهي.

در کليو ٿي مس ته هيءُ وڃي ڏانوءَ مٿان ڪڙڪيو. ”حرامي! ڪميڻا! جنهن ٿالهيءَ ۾ کائيس اُن ۾ ئي ڏنگه ڪرين؟ نڪر منهنجي گهر کان ٻاهر!“

روئڻهارڪو منهن ڪري، عجب ڳاڙهو ٻپ وچان ڏانوءَ چيو، ”ڇان؟“

هريش کيس زوردار چماٽ هنئي. نانوءَ روئي ڏنو. ”دادا مون ڇا ڪيو؟“

هريش کي ٿهائين وڌيڪ غصو لڳو. ”دادا جا پٽ! اڃا تو پڇين ته مون ڇا ڪيو؟اڃا کهڙي ڏوڙ پائيندين؟ نڪر ٻاهر .... اصل پيرن اُگهاڙو نڪر ....“ هڪ هٿ سان هريش سندس ڪن پڪڙيو ۽ ٻئي سان پٺيءَ وٽان ڌڪو ڏيئي کيس در وٽ وٺي آيو. در کوليو، هن کي ڌڪي ٻاهر ڪڍي دروازو بند ڪري ڇڏيو!

در ٻاهران روئڻ جو دردناڪ آواز آيو .... ائين جڻ ڪو گلر اونائيندو آهي ....

ڪمري ڏانهن موٽندي هريش جا ٻئي هٿ پاسن کان ڪري پيا! هو اهڙو ٿڪو هو جڻ کي ڪلاڪ سانده هٿوڙيون هنيون هئائين. سندس چپن جي ٻنهي ڪنڊن وٽ گجي مڙيل هئي ....

پاڙي جي جن ٻه ماڻهن کي خبر پيئي تن هريش کي نالائق ۽ ڪميڻو ڪري سڏيو. سامهون مڪان ۾ رهندڙ زال چيو، ”ڪهڙو سمو آيو آهي! پاءُ وٽ پاءُ نه رهندو ته ڌهين ڪيڏانهن ويندو؟“ سندس مڙس ٿوري عجب ۾ گهٽي ڪاوڙ ملائي چيو، ”پنهنجو پار ڇايس ته پاءُ کي ڪڍي ڇڏيائين! متس بار ٿورو ئي هو؟ موهن بجليءَ واري وٽ ٿورو گهڻو ڪم ڪري، هٿ پير هلائي پيو پنهنجو قوت گذران ڪيندو هو.“

انهن ڏينهن جشيڪا گهر ۾ آئي. ”نانو ڪٿي آهي؟ اسپتال ۾ هڪ دفعو ٻه ڪيس ڪونه وٺي آئين.... گهڻا دفعا

چيوماڻهو ته وڏي اچينس؟ تو هلڻ لاءِ چيس يا ڇيس ٿي ڪونه؟"

هريش پنهنجي ئي سوالن جو جواب نه ڏنو. هن وري پڇيو، "هيڏي سهل ڪيڏانهن ويو هوندو؟"

هريش جئسيڪا جي سهڻين اکين ۾ نهاريو. سندس ڇپن نه پر اکين ڳالهايو. "تون ڪريل آهين، ڪميڻي آهين...."

جئسيڪا هيڪڙ هتڪڙ بنا سڌو نهاريو. هريش کي لڳو جڻ چوي ٿي، "تون به گهٽ ناهين...."

"ماڻهن کي جيڪر خبر پوي ته"

"اول ڪين تون پنهنجي ته خبر پئاءِ...."

هريش جون اکيون مجبور ٿيڻ جي جهڪي ويئون.

جئسيڪا جڻ ديٽ ٿيڻ جي پيئي هئي. هن وري به ساڳيو سوال ڪيو. "پر به ويو ڪيڏانهن؟ پيبوءَ کي ڏنو به نه اٿس !"

هاڻ هريش کي غصو لڳو، "مغزچو ڪاڏو اٿيئي؟ حرامي ڪتي نه ڪتي پيو هوندو؟"

"پيو هوندو؟ سڳي پاءُ لاءِ ايترو به خيال ...." هريش کي لڳو چاڻ طوفان شروع ٿيو. ان طوفان کان هو ٻنو ٿي. ان ڪري گوشو ڪاڏي ٿئي ڪمري ۾ هليو ويو....

جئسيڪا سمجهي نه سگهي ته هيءُ بدلجي ڇو ويو آهي؟ شاديءَ وقت ته نانوءَ جي پيارت ڪئي هئائين، "سمجهج هيءُ منهنجو پاءُ نه پر پٽ آهي...."

هريش ڪيس پڙايو هو ته نانڪ چاڻو هو ته ڏاڍو سهڻو

ڪوني اچ! چئينس ته هنسا چوي ٿي ته اچي ڦتاڪا ٻاري ڏيکار ....“

گوپيءَ جو معصوم موهه ۾ ڪرشن جو ابوجهه سنيهه! نانؤ ڪيئن نه وچي؟ ’صل پڇندو ويو. ڦبن ۾ ڦتاڪن جي سترنگي شعاع ۾ نانؤءَ کي اڻين لڳو ڄڻ ساڻهون هنسا نه ٻر لعل پري ويني آهي. ان پريءَ وٽان شاباش ملڻ جي فخر پري لاپرواهيءَ وچان ٻم ٻارڻ وقت هو شايد تمام ويجهو بيٺو يا باروت ڪان پري ٿي نه ٿيو، ڪيئن چئجي؟

ڌماڪو ٿيو ۽ گڏوگڏ چٽڪون نانوءَ جي مکه کي وڪوڙي ويئون!

نانوءَ بيو ته سچو ساڳيوئي هو پر سندس منهن صفا بدلجي، ويو! لسو ڳل ماس جون ڳنڍيون بڻجي پيو، ڪاڏي بي ڊولي ٿي پيئي ۽ ڇهنبدار نڪ جو ننڍڙو ڇتر اڏامي ويو!

لکه حيلا هلاياسين پر نانؤ اسڪول وڃڻ کان نابري واري ويٺو. ”هھڙي شڪل سان اسڪول ڪيئن ويندس؟“ بابا چيس ته ”ٻه اکر پيٽ ۾ پيا هوندء ته ڪم ايندء ... ٻاڙن تي ڪهڙو ڀروسو؟ ٻاڃايون ايندءيون ته ٻيهڻ ٻه ڪونه ڏينديئه....“ جواب ۾ نانؤ اهڙي ڏکه مان روئيندو هو جو امان چوندي هئي، ”چڏي ڏيوس. جيڪي هوندس ڀاڳه ۾.... سڀ آڱريون برابر ناهن.... هڪ نه ٻي ٻاڃائيءَ جي من ۾ ٻڳوان اچي ويهندو ....“

امان بابا هئا ته نانوءَ جا سڀ انگل آرا پورا ٿيندا هئا

.... اهي ويا ته چمن جي زال چتري ڏينهن ۾ هڪ دفعو ضرور چوندي هئي، ”مٺن مان اڇي ڦاٽي آهيان .... سو به ڪو سنوان سوڌا هجن؟ هڪڙو ته مٺو آهي ڪوڙهيو.... شڪل ڏسينس ته ماني نه وڻي....“

نانوءَ جي شڪل بابت اهڙا لفظ ٻڌي به چمن چپ رهندو هو پر مان قسم کڻندو هوس ته جي منهنجي زال نانوءَ جي شڪل جو مذاق آڏائيندي ته سندس شڪل ئي نه ڏسندس ....

ءُ اڄ؟ اڄ ڪيس ڇا ٿي ويو آهي؟ اڄ ڏي نه .... گهڻن ڏينهن کان موکي ءُ اداس پيو لڳي .... اصل ورڇي پيو .... مونکان ته ڇڻ سؤ ڪوهه دور پيو ڀڄي .... آخر ڇو؟

هريش جهڙو تهڙو گرم ڪٽي ماني کاڌي. ”اڄ ڏاڍي گرمي آهي!“

”گرمي؟“ جئسيڪا عجب وچان چيو.

هريش ٻاهر هليو ويو. پر ٻاهر به ته ٻوسات هئي!

”پلئسٽڪ سرجري ترقي ڪري ويئي آهي .... نانوءَ جو منهن ٺهي پوندو.... جيترو خرچ ايندو؛ مان ڪندس .... پئسو پئسو ڪري ميڙيم .... نانو تو هي ڇا ڪيو؟ تنهنجي ڪري مون شادي ئي نه ٿي ڪئي. ڪيم، تڏهين به تنهنجي ڪري.... ۽ تون؟ هن طرح جي ڪميڻائي ڪبي آهي؟“

ءُ جئسيڪا؟ اهڙي سباجهي سدوري صورت ءُ ههڙي دغاباز! هي ڀڳوان! ڪهڙي پاسي ٽيڪ ڏيئي سهاري جي اميد ڪريان؟ سنسار ۾ صرف ٻن ڄڻن ڪي ئي پنهنجو سمجهيم

.... ۽ ٻنهي هڪ ٻئي کي پنهنجو ڪري مونکي ڌاريو ٻڌائي ڇڏيو!

اڙي! نانو! جسي ته نيٺ ٻه پرائي هئي .... تون ته منهنجو آهين .... منهنجو پنهنجو .... تو ڪيئن ٿي ائين ڪيو؟

صبح جو هو آفيس ويو. هر گهڙيءَ مٿي کي هٿ ڏيئي ويهي ٿي رهيو .... آڱرين ۾ سگريٽ جهلي الائي ڪيتي ڪم ٿي پئي ويو ايستائين .... جيستائين سندس آڱرين کي سيڪ نه ٿي آيو ....

ڏينهن سڄو گذري ويو پر هنکان ڪوبه ڪم ٿي نه سگهيو.... شام جو عادتي نيم کان گهلجي اچي فرسٽ ڪلاس ۾ چڙهيو ....

اوچتو پرينءَ پر سندس نظر پيئي ....

ڊاڪٽر مهاديون! هن کان ڇرڪ نڪتي. هو آمالڪ آئيو ۽ وڃي ڊاڪٽر جي سامهون ويٺو. "هلو ڊاڪٽر!"

ڊاڪٽر ڪيس نه سڃاتو. اڻ لکو مشڪي آهستي چيائين. "هلو." "مان اوهان سان ملڻ لاءِ ٻنگلور آيو هوس .... ڪنهن خاص ڪم لاءِ .... پر ٻڌم ته اوهين هندستان کان ٻاهر ويل آهيو ...."

"ها، فرئنڪفرٽ ۾ ميڊيڪل ڪانفرنس اٽينڊ ڪرڻي هئي. اتان وري امريڪا هليو ويس." ۽ هو ڊاءِ جي ڳنڍ کي ٽائيٽ ڪرڻ لڳو. ٽنگه ٽنگه تي چاڙهي سٽر تي هٿ گهمائيندي چيائين، "اوهان کي مونسان ڪا صلاح ڪرڻي

آهي؟" بشرت جي ڪيسي مان وزٽنگ ڪارڊ ڪيندي لاپرواهيءَ سان هريش ڏانهن اڇلڻ وانگر وڌايائين. "مون هينئر بمبئيءَ ۾ پنهنجي ڪلنڪ کولي آهي...."

هريش ڊاڪٽر جو رعب ڏسي ٿورو ڪجهه هيسجي ويو. پر ڪيس هن ٿي ڊاڪٽر جي مدد کپندي هئي. ان ڪري چپ ڪيئن رهي؟ نڙي صاف ڪندي چيائين، "مونکي ٻار آهي.... پر اهو منهنجو ٿي نٿو سگهي چاڪاڻ ته ...."

ڊاڪٽر "هو هو يا ها ها" ڪري کين کليو پر هريش کي لڳو ڄڻ هن جي ٽيڏي مشڪ وريل تلوار جيان ٽيڪ منهنجي ڳچيءَ جي وچ تي نشان رکي ڇڏي ويئي آهي....

اسٽيشن ويجهي اچي رهي هئي. ٽرين جي گتي ڌيمي ٿيندي پئي ويئي....

هريش ٽڪڙ ۾ چيو، "اوهانجو دوست رگهوناٿن آهي نه؟ ايگزيڪيوٽو انجنيئر؟ بئنگلور ۾ ڪار ائڪسيڊنٽ ٿيو هو.... ٻه سال اڳ ماڻ...."

"اوهين اچجو.... مان اوهانجو رڪارڊ ڏسندس." چئي ڊاڪٽر اٿيو.

"منهنجي لاءِ هيءَ نهايت اهم ڳالهه آهي ڊاڪٽر...."
هريش ڄڻ ليلائيندي چيو.

ڊاڪٽر پورو سمجهيو ته ڪونه پوءِ به هن هريش جي پٺيءَ تي ٿپڪي هڻڻ واري انداز ۾ ڏڪ هنيو، "ينگ مئن ڊوُ ڪم ٽ مي، آءِ ول سال-و يوئر پرابلم.... او- ڪي؟"
ڊاڪٽر ٽڪڙو وڌي ٿپو ڏيئي لهي ويو!

ڊاڪٽر پنهنجي اگزئمنيشن ٽيبل ڏانهن نهاريو ٿي مس هو تہ هريش در کان ٻاهر هليو ويو.

نانو موهن اليڪٽريشن جي ڪيبن واري دڪان ۾ ٻاهر نڪتل تختي تي ٻاسيرو وينو هو.

”نانوءَ جا ٻچا! حرامي! گهر هلين ٿو يا؟“

هن پيري هريش جي نڙيءَ ۾ سؤ سؤ گهوڙها اٿڪيل هئا .... هن نانوءَ کي ٻاڪر پاتو ....

ٻاڪر جي ڀيڪڙ ۾ اچي نانو سوچي رهيو هو، ”دادا جي پيار جي ڦهلاءَ ۾ ايتري سوڙهہ ڇو آئي هئي؟“ ●

## سرهو سرهو پيار جهڙو ٽڪو ٽڪو وار

گرديو هوٽيل ۾ منهنجي پر واري ڪمري ۾ هڪ جوڙو رهيو پيو هو. شام جو ڪتهڙي تي ٻانهون رکي ٻيئا هئا ٻئي.

جوان چيو، ”هوا تي لڳي ته تنهنجي ريشمي بدن تي هيءُ ڪڙتو ڪيئن لهرائي. دل تي چوي ته مان جيڪر اهو ڪڙتو ٿي پوان.“

جوانڙيءَ چيو، ”هوا تنهنجي ڪارن وارن سان پريل ڇاتيءَ جو پسينو ٿي سڪائي. دل تي چوي ته مان جيڪر اها هوا ٿي پوان.“

منهنجي من چپن جي سرهي مشڪ کي اندر ڇڪي ورتو. پل ته سمجهن ته مان پنجابي ڀاشا نٿي سمجهان، پل بيءُفڪر ٿي پيار جهڙي سرهي سٺي چيز مائين!

ٻئي ڏينهن اهو جوڙو هليو ويو. هڪ ٻيو جوڙو اچي رهيو ان ڪمري ۾. ڪنوار جو نالو هو ماڻڪ ڪؤر. صبح سويل مون کيس اچي، ڪڙاهه پرساد ڏنو ته چيائين سپاٽي مان به توسان گڏ هلنديس.

ماڻڪ ڪؤر گوڏا ۽ ڪنڌ جهڪائي مٿو ٽيڪي منهن مٿي ڪيو ته آساديوار ڳائيندڙ جوان سان سندس اکيون ٽڪرائجي ويون!

چار اکيون ڪيڏي مهل، ڪٿي ۽ ڪنهن سان ٿو ٽڪرايان، اهو پيار جو ديوتا ڏسي ٿي ڪين! ڳالن جي ڪمان ۽ درد

جو تير ڪنيو پيو ڦري، مستي چڙهيس ته نشان چٽهو ڇڏي!
پيار ڀرين ٻنو، پوءِ مشڪيائين ۽ ان ڪانپوءِ تڙڦيو!
ٻئي ڏينهن ماڻڪ ڪؤر گلابي بخمل جو ڪڙتو پهريو ۽ مٿانئس ستارن سان پريل چني وڌي. سونهن لهرائڻ لڳي ته عشق ۾ زبردست اُچل آئي. ڳائيندڙ جوان جون اکيون مون ۾ پرجي ويون! پيچ ٻنيءَ جي مهل مڪ. تي آساديوار ۽ دلين ۾ نئون اجنبي پيار! جهڙو سٽيم شوم سندرم جو روپ!
ماڻڪ ڪؤر کي چيم، توکي ”هير“ ڳائڻ اچي؟ چيائين مونکي ”ماهي“ ڳائڻ وڻندو آهي ۽ هوءَ ڳائڻ لڳي.

گڏي آئي هٿه ٽيشن تي
ماهي ميرا ويکڻ دي
ماهي ويکڻ دي....

آواز مٺو، ديهاتي پريت ۽ اڻ آزمودگار دل! سڄون ساڳيون ساڳيون هيون پر ماڻڪ انهن ۾ جان وجهي ڇڏي!
ماڻڪ چيو- ”ٻه ڏينهن مسوريءَ وينداسين پوءِ ٻن ڏينهن لاءِ هتي اچي ڏياري ڪري وينداسين؟“
مسوريءَ وڃڻ واري ڏينهن ٻه هوءَ مٿو ٽيڪي پوءِ ويئي. اکين موڪلايو ۽ ان موڪلائڻ ۾ وري اچڻ جي واعدي جو آسرو هو.

هڪ ڏينهن گذريو ۽ ٻيو ٻه گذريو. مان گرداوري ۾ گهڙان ته هو منهنجي پنيان نهاري! ان اميد ۾ ته ڪاري بادل وٽ ڪٿي نه ڪٿي بجلي ضرور هوندي!
منهنجي دل جو درد اکين مٿي ڪنڌن وٽ بوندون بڻجي

سمي ايندو هو ته منهنجو دم گهٽجڻ لڳندو هو. پيلا نديءَ جي ڏارا وهي ته ڏسي سگهجي ٿي پر هيءَ پهاڙ جو سمنڊ ڪير ڏسي سگهندو؟

مون گرداوريءَ ۾ وجهڻ ئي ڇڏي ڏنو!

هڪ شام جو اتان لنگهنديءَ هن مونکي ڏسي ورتو. سندس اکين ڏوراپو ڏيندي چيو، ”اهڙو وڻي ڇو آئينءَ هنکي؟ هاڻي مان انهن خاموش اشارن ۽ اکين جي ٻاتين کي ڪٿي کڻن جيئان؟“

۽ وات مان نڪتس ”اڪ گهڙي نه ملتي تـا ڪلجڳ هوتا، هڻ ڪد مليڻي، پريه....

## هيءَ ڪلئوپٽرا ۽ هوءَ....

هوءَ کلي رهي هئي .... ڏند ٻاهر.... هٿ گوڏي تي-ڪنڌ ڪڏهين اڳيان هيٺ ٿئي ڪريو ڪڏهن پٺيان....

هنجي عمر پندرهن سورهن سال ٿـي لڳي. بمبئيءَ جي ويجهو واري ڪنهن ڳوٺ مان آيل ٿـي ڏٺي چاڪاڻ تـه سندس رنگ بمبئيءَ ۾ رهندڙن جيان بيسٽي ڪين هو. سندس ڳلن ۾ هلڪي ڳاڙهاڻ هئي. عام مرهٽن جيان اڳيان ڏند ٻاهر نڪتل هئس پر جوانيءَ جي تازگيءَ ڪري سٺي پئي لڳي.

موچي- جنهن جي دڪان تي هوءَ ويٺي هئي. هن کي گنپيرتا سان ڏسي رهيو هو. هنجي آزمودگار اکين خبر ناهي ڇا پئي سوچيو؟ شايد سوچيو هجين تہ "اڄ کلي ٿي، سڀاڻي روئندي." يا شايد ائين تہ "اڄ جوان آهي، سڀان مون وانگر پيري تي ويندي."... يا ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ انهن حسرت وچان چيو هجين "تون کلين ٿين! آهہ.... اسين تہ روئي بہ نٿيون سگهون!"

مونکي ائين لڳو ڄڻ موچيءَ جي دل چئي رهي آهي، "ڪاش! اڄ مان بہ جوان هجان ها تہ هن سان گڏ مان بہ هئين کلان ها.... ۽ پوءِ آسمان جا تارا هيٺ لهي اچن ها.... منهنجي دل جي ٿڌي دنيا ۾ آس جو ترڪو هجي ها ۽ مان زندگيءَ جي ڌارا جي تيز گتي محسوس ڪريان ها...."

هوءَ ٺهڪ ڏيئي رهي هئي....

ڪانئس پڇي ورتا. هوءَ ٻاهر هلي ويئي. ڪيبن ۾ چار ڄڻيون هيون‌سين. سامهون مٿئين برٿ تي هڪ پنجاپڻ هئي جا دهلي جي لامنسٽريءَ ۾ ڪنهن وڏي عهدي تي هئي. هن مونکي ڏ.ڪائيندڙ پنهنجپائيءَ سان چيو، ”هنجو ڪم ڇو تي ڪرين؟ تون اڃا هانگ ڪانگ مان نئن چڙهي آهين. اسين هن ڪي بمبئيءَ کان سنگاپور، آتان کان هانگ‌ڪانگ ۽ جپان تائين ڏسندا آيا آهيون.... ڇوڪري اصل ويل آهي.... اصل چٽ مئدان!“

پنجاپڻ جي هيٺان جيڪا وڏوا سنڌياڻي ويٺي هئي، سا منهنجي ڳالهه ٻڌي پيلي تي ويئي! (مون ڄاتان هوءَ ٻه هانگ ڪانگ مان ئي چڙهي هئي)

رات جو ٻڪچر ڏسي مونيون‌سين ته ڪيبن ۾ گهڙڻ سان انٽيمينٽ پرفيوم جي سرهاڻ ويڙهي ويئي. اسانجو سڄو بدن نڪ ٻنجي پاڻکي معتبر ڪرڻ لڳو.

اندر اسٽيلا سنيري رهي هئي.

سميڌا (پنجاپڻ جو نالو) عجيب انداز سان مشڪيو. اسٽيلا ٻاهر ويئي ته سميڌا ٺهڪ ڏيئي چيو، ”ڪلئوپٽرا!“ مون چيو، ”سميڌا! جيڪڏهن ايجپٽ جي راڻي اسٽيلا جهڙي هئي ته ويچاري سيزر يا انٿونيءَ کي کهڙو ڏوهه ڏيئي سگهبو!“

سنڌياڻيءَ منهن تي ڪري چادر وڌي! صبح جو نيرن ڪائي آياسين ته اسٽيلا مون ڏانهن منهن ڪري چيو ”شاپنگ ڪرڻ هلنديءَ؟“ مون چيومانس ”مونکي ته ڪجهه به وٺڻو

پٺي وڃايون.

اسٽيلا جي پٺيان اسين ٻه ڪيبن ۾ گهڙياسين. هن گهڙندي فخر وچان چيزون ڏيکاريون. هڪ پيتي ۾ ٽوپلا هئا.... ٻيءَ ۾ جتيون ۽ تينءَ ۾ پلاسٽڪ جا گل....

هوءَ انهن چيزن ڏانهن ترپتيءَ جي هڪ عجيب نگاه اڇلي رهي هئي.

سميدا طنزي مشڪ مشڪي رهي هئي. اسٽيلا هڪ ٽوپلو ڪڍي ڏاڍي پاسي واريءَ ٽنڊ تي رکيو. سنڌياڻيءَ ڊگهو ساهه ڪنيو ۽ آهستي آهستي سنڌيءَ ۾ چيو، ”چري! ڏاڍي چاٽي ۽ وٺي چاٽي اچي!“ ڪولمبو ۾ ٻه ٽيڪ اٿين ٽيو.... شيلا ۽ پٺيان جوان.... جوانن جي هنن ۾ دٻا ۽ پيتيون.... پيتين ۾ فراڪ .... ۽ فراڪ تي ليس ۽ گل!

”اسٽيلا! پر تون هيتريون شيون ڪسٽمس مان لنگهائيندينءَ ڪيئن؟“ مون پڇيو.

هوءَ کلڻ لڳي. ”تون سنڌياڻي جو ساڻ آهين؟ مان اڪ پيتينديس ۽ ڪسٽمس آفيسر مونکي ڇڏي توکي پڪڙيندو!“ ٽيو ٻه اٿين.... هوءَ پنجن منٽن اندر سڀني پيتين سوڌي ٻاهر هلي ويئي. مان ٻن ٻئگن جي پاسي ۾ پورا پنج ڪلاڪ ڪڙي رهيس، بعد ۾ هڪ ڪلاڪ پيو ٻه جڏهين ٻئگ مان هڪ هڪ چيز ڪڍي آفيسر چنبي ڏسي رهيو هو.

ها.... سو ڳالهه تي ڪير ته هوءَ مرهٽي ڇوڪري وارن ۾ گلابي ربين ۽ اکين ۾ ڪجل پائي هر روز ايراني هوٽل وٽ بيهندي هئي ۽ کلندي هئي.

آهي؟ ڪٿي؟" بجليءَ جي چمڪي جيان مونکي ايشيا جهاز ياد آيو ۽ ياد آئي جهاز جي ڪليوپترا استيلا! پتليءَ مونکي ٻانهن کان پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر مان هن جوان وٽ پهچي ئي ويئي هيس.

"ايڪسڪيوس مي ينگ بواءِ! آر يو ان ايني ووي ڪنيڪٽيڊ وٽ مس استيلاسڪورا؟" مون چيو.

(Excuse me, young boy. Are you in any way connected with Miss steela squara?)

واءِ؟ آفڪورس! شي از ماءِ مدر. يو نو هر؟ شي از رائيٽ هيئر ان دي ڪار.

(Why? of course! She is my mother. You know her? She is right here in the Car!)

هو ڪار ڏانهن وڌيو ۽ مان به ساڻس وڌيس. اُڌادي دل ٿي ته پڇانس "هو از يوئر فادر؟ دي اٽالين شاپ ڪيپر آر دي ڪئپٽن؟"

(Who is your father? the Italian shopkeeper? or the Captain?)

پر پاڻ کي روڪي ورتم.

ڪار ۾ استيلا ويٺي هئي. امپالا ڪار ۾! ڪيس ڳاڙهي بخمل جو ڪرٽ پيو هو. هوءَ جوان جي ماءُ نه پيئي لڳي رهي هئي سا به جاڙي ڀيڻ!

جوان جي منهن تي ماءُ جي غلطيءَ يا گناهه جي احساس جو پاڇو نه بلڪ فخر جو چمڪو هو.

اسٽيلا مونکي ڏسي ڪليو ”تون ٻڌي چوتي ويئي آهين؟ ايتري ۾ ها .... هـا .... هئم .... هئم .... هي .... هـي .... !“ ۽ هنجو چهرو ٽڙي پيو .... سوني گلاب جيان!

## دائمي پياس دائمي تلاش

منهنجو نالو: ائمپيسيبل، منهنجو بدن: ڊگهو ۽ چلڪندڙ، منهنجو رنگ: ڀورو ۽ ڪارو، منهنجون اکيون: گول ۽ چمڪندڙ، منهنجو هلڻ: جهڙو ڪونج جو اڏڻ، منهنجو روپ: لڀائيندڙ — پر مان انسان نه آهيان.

اِنسان نه آهيان، اها نهايت سٺي ڳالهه آهي. چاڪاڻ ته انساني مشين ڪان مون واري مشين گهڻي بهتر آهي. منهنجي مشين ڪڏهين ڪنهنجي شرير کي ضربيندي آهي. پر انساني مشين سرير اندر سمايل ڀاونائن کي چيريندي ڦاڙيندي آهي ۽ معصوم احساسن کي گهٽي، پوساتي، تڙڦائي مارينديآهي.

سامهون ئي ڏسو: ننڍڙو ڪتڙو برسات ۽ هوا جي گڏيل حملي کان بچڻ لاءِ پاڻکي سوڙهو ڪري هن دڪان جي ٻاهران ڏيوڍيءَ ۾ ڪروندڙو سروندڙو ٿيو وٺو هو. مالڪ گهڙندي ئي کيس هڪ لت ڏڪاءُ ڪئي ۽ نوڪر مالڪ کي خوش ڪرڻ لاءِ کيس لت سان ئي ڪري پري ڦٽو ڪيو آهي! ننڍڙي جان درد وچان ڪيڪرائي رهي آهي ۽ پرسان بيٺل ماڻهو مشڪرائي رهيا آهن.

منهنجي ننڍڙي مڌو به ائين ئي ڪيڪرائي رهي هئي. هنجي دل رکي رکي ڦٿڪي ٿي ۽ هوءَ روئي ٿي ڏني.

اوهين مڌوءَ کي نه سڃاڻو؟ اڙي هوءَ منهنجي مالڪ جي ڪنڪي آهي. امتحان ۾ ناپاس ٿي آهي. ان ڪري روئي

ويٺي. سندس روئڻ ۾ هڪ قسم جي بيڪسي آهي. بيڪسي جا زخميل احساس مان پيدا ٿيندي آهي.

”بي حياءِ! بد ذات! ڪميڻي! گهڻا دفعا چيو ٿيمانءِ ته آهستي ڳالهاءِ؟ هينءَ ڳلو ڇو ٿي ڦاڙين؟“

موت ۾ موهنيءَ اڃان به وڌو ڪڙڪو ڪيو، ”ٻاهر ڏيان اهڙي گهر کي! مورڳو ئي ڳلو پيو گهٽجي هتي!“ هن هٿ ۾ جهليل ٿالهي ميز تي ڦٽي ڪئي.

لعلچند ڏند ڪرٽڻ لڳو. هن ميز تان ٿالهي کڻي، زور سان پري پٽ تي اڇلي. پوءِ ڪرسي تان اُٿيو. اندر ڪمري ۾ وڃي ڪوٽ ڪنيائين. ڪوٽ ۾ ٻانهن وجهندي ٻاهر آيو ۽ ڊرائيور کي سڏ ڪيائين. پيو دفعو وڏي آواز سان چيائين، ”گرڌاري! گاڏي ٻاهر نڪالو.“ ٻاهريون در اُڇل سان بند ڪري ٻاهر نڪري اچ وڃ ڪرڻ لڳو. ڪار گراج کان ٻاهر آئي ۽ هو چڙهي روانو ٿي ويو.

ساري رات موهني ان جهڳڙي جي ڪؤڙاڻ محسوس ڪندي، ڪراهيندي رهي. ساري رات لعلچند غصي جي زهر کي پيئندو بازاري عورت جي جسم سان کيليندو رهيو.

ائين هميشه ٿيندو رهيو آهي.

اوهين سمجهندا هوندا ته لعلچند ناريءَ جي سرير سان کيلڻ جو شوقين آهي پر حقيقت ڪجهه ٻي آهي. هو هڪ چڏي ٻي، ٻي ڇڏي ٽين، ٽين ڇڏي چوٿين، ائين استريءَ جي جسم کي ٻهلائيندڙ سامان جيان ڪتب آڻيندو رهيو آهي. سامان، جو بدلائي سگهبو آهي. ريڙهي سگهبو آهي ۽ پڇي

سگهيو آهي. پر اٿين هو ان لاءِ نٿو ڪري ته هن کي ان راند جو شوق آهي، پر انهيءَ ڪري جو ڪيس ڪو بدلو چڪائڻو آهي. هنکي شايد استري ذات کان نفرت آهي. يا شايد هو ڪنهن چيز جي تلاش ۾ آهي. اها تلاش کيس رنگن ۽ وسترن سان لپٽيل عورتن جي درن تي ڀٽڪائيندي رهي ٿي.

اٿين به ٿي سگهيٽو ته هنجي دل ۾ ڪو گهرو خال هجي. خال-جنهن کي پرڻ لاءِ هو در در ڀندو رهي ٿو.

انسان جي هيءَ ڪهڙي اترپتي آهي؟ هيءَ ڪهڙي بکم آهي جا سمجهه سان سينگاريل انسان کي به رلائيندي رهي ٿي.

لعلچند هميشه استريءَ کي نيچ ۽ ڪميٽي سڏيندو آهي. پر هر استريءَ وٽ ويندي هو پنهنجو درجو هيٺ، گهٽو هيٺ ڪيرائي ڇڏيندو آهي! "تون منهنجي راڻي آهين. تنهنجون لتون منهنجون اکيون ...." اٿين ۽ اهڙو ڪجهه چوندو آهي هو ان وقت.

قدرت پرش سان هيءَ ڪهڙو نه عجيب مذاق ڪيو آهي جڏهين هو استريءَ کان جدا ۽ پري آهي تڏهين هو پاڻکي مٿي ۽ استريءَ کي هيٺ پيو سمجهي پر جڏهين هو استريءَ جي ويجهو آهي تڏهين ڪهڙي نه ڪاڻ هاب نموني ۾ هو ان اڳيان پيش ٿو پوي!

هيئنئر نه - پر جڏهين موهنيءَ هن گهر ۾ قدم رکيو تنهن کان به اڳ لعلچند جو اهو حال هو. موهنيءَ کي فقط

سان. انهن ٻنهي جي حملي جي وچ ۾ مدوءَ جو ننڍڙو من هو، اُن من ۾ ڪي احساس هئا، احساس جي حملي ڪري زخمجي پيا هئا.

”بابا مون سان ظلم ڪري ويو. موهني ٻه ڪا زال آهي؟ رڍ جهڙو عقل ۽ ڪانوَ جهڙو آواز! مونکي ته ڀرئين ڏينهن کان ئي ڪانئس نفرت آهي.“ لعلچند ڀنيان ڀنهنجي دوست کي چئي رهيو هو ۽ مدو مون وٽ اڳيان ويٺي هئي ۽ پيءُ جو چوڻ ٻڌي رهي هئي.

ٻالڪ جو جنم ڪيئن ٿيندو آهي، کيس معلوم نه هو. پر انسان جي جنم-جات ٻڌيءَ سان هن محسوس ڪيو ته هوءَ نفرت جي پئداش آهي. ”مان پيار مان نه بلڪ ڌڪار مان ڄائي آهيان.“ مدوءَ جي دل روئي ڏنو. هنجو هٿ ڪنبڻ لڳو. هن ڏڏندڙ هٿ منهنجي بدن سان ڪٺي چنبڙايو. سندس دل جو آواز هٿ مان لنگهي مون ڌائين اچي پهتو. هنجي دل ڪيڪرائي رهي هئي.

ائين ڏسي هوءَ ڪيڪرائيندي رهي آهي. منجهيل ۽ اُلجهيل من ڪٺي هوءَ طوطي-طوطي جي ڇهنڻ ۽ ڪنهن بابت سوچيندي رهندي آهي. جنهن ڪري بار بار امتحان ۾ ناپاس ٿيندي آهي.

* * * * * *

لعلچند جو پتا رامچند وڪيل هو. وڪيل، جو سچ ۽ ڪوڙ کي لفظن جي جار ۾ ڦاسائي ڦٽڪائيندو آهي. سچ ڪوڙ ٻئي پيا ڦٽڪندا آهن. ويچارو سچ ائين ڦٽڪي ڦٽڪي

وارو خزانو هو ۽ ٻئي طرف عورت جو جسم وارو خزانو، ان حالت ۾ وڪيل صاحب جو طرف وٺي ساڻس فراخدل ۽ مهربان هئڻ واريون صفتون لڳائڻ ٺيڪ ڪونهي.

خير .... وڪيل مهاشيه کي ڪنوار ملي، ڪونج جهڙي ڪنوار، ڪوڏن جهڙي ڪماري. جوڙو ائين هو جيئن سنڌ جي باغ جو سڳنڌي گلاب جو گل ۽ تيڏي اک سان نهاريندڙ ڪانءُ!

ها، ماڻهن پئي چيو ته هيءُ گل ۽ پونئر پورڻما ۽ اماس جو ميلاپ آهي. پر گل ۽ پونئر جي وچ ۾ رس پريو سنبند آهي، اماس وٽ ٽمڪندڙ چمڪندڙ اڻ ڳڻيا تارا آهن. ان ڪري هتي گلاب ۽ ڪانو جي تشبيهه ئي ٺيڪ آهي.

وڪيل صاحب پاڻ لاءِ نئورني خريد ڪئي ۽ نئورني لاءِ مونکي خريد ڪيو هو. ان رات اسين ٻئي سينگاريل هيوسين. مان ۽ ڪنوار. گلن ۽ هارن سان سينگاريل.

رامچند اسان ٻنهي جو مالڪ هو. هو پر ۾ ويٺل ڪنوار ڏانهن نهاري رهيو هو ۽ پنهنجي ڀاڳ کي ساراهي رهيو هو. ڪنوار نه موڏانهن ٿي نهاريو نه گهوٽ ڏانهن. هوءَ پنهنجي قسمت ڏانهن گهور ڪري نهاري رهي هئي. ۽ مان هنن ٻنهي کي ڏسي رهي هيس. ان وقت ئي مونکي خبر پيئي هئي ته انساني مشين ۾ ڪا زبردست خرابي آهي.

جڏهن به وڪيل صاحب پنهنجي ڪنوار کي ڇهندو هو، ڪنوار جي اکين مان ڏڪار ٽپڪي پوندو هو. هوءَ اهو ڏڪار ڇپن کي چڪ پائي گهي ويندي هئي. پر ڪجهڻ بعد

حق نہ تو ملي سگهي پر سشيلا کي اهو حق ملي سگهي ٿو، چاڪاڻ تہ هن ۾ پراڻ آهن ۽ هنجي پراڻن کي پنهنجا احساس آهن.

سشيلا کي پٽ ڄائو. استريءَ جي جيون ۾ اها گهڙي- گهڙي جڏهين هوءَ پهريون دفعو پاڻ مان هڪ ٻي هستي سرجن ڪندي آهي، نهايت ئي شڀ آهي. ان وقت هنجي هردي جي آنند جو ٿاه پائڻ مشڪل آهي.

سشيلا ٻار کي پنهنجي گود ۾ کڻڻ چاهيو. ٻالڪ هن اڳيان آندو ويو. هنجي هردي جي ممتا آتاولي ٿي. هن جي سموري هستي ممتا بڻجي ٻانهون ڦهلائڻ لڳي.

ٻالڪ گود ۾ کڻي، سشيلا ڏٺو: لعل سا ڳيو جهڙو رامچند! ساڳي اٿيي ڪاري چمڙي، ساڳيو ٺلهن چپن وارو ويڪرو وات! سشيلا جي ممتا ۾ ڪسارو سواد هلي آيو.

استري سمپورڻ روپ ۾ جڏهين پنهنجو پاڻ ڪنهن کي ارپڻ ڪندي آهي تڏهين ئي کيس آنند ملندو آهي. سشيلا جي پياس ٻجهي نہ سگهي. هوءَ پتني ٿي پر هن نہ پتيءَ کي پيار ڏنو ٿي ۽ نہ کانئس پيار ورتائين ٿي.

رامچند کي ائين لڳندو هو ڄڻ سشيلا استري نہ بلڪ هڪ ڪچئون آهي جنهنجا سڀ انگ اندر سمايل آهن، بس، سندس پتني ئي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پتي-جا پٿر آهي، سخت ۽ ڪنور پٿر. اهڙي پٿر کي هو ڇا ڪري؟ هن شراب کي پيار ڪرڻ شروع ڪيو.

استري جڏهن ماتا ٻڻجندي آهي تڏهين سندس ساري

هستي هڪ ٽانءُ ٻڌي پنهنجو سمورو سنيهه جل ٻالڪ مٿان هاري ڇڏيندي آهي. سشيلا ماتا هئي پر هنجي هردي وارو ٽانءُ اوندو ٿي نه سگهيو.

سشيلا سمندر جيان هئي. سمندر ـ جنهنجي ڪناري تي ويهي ٻه ڪو پنهنجي اڃ ٻجهائي نه ٿي سگهيو.

لعل پاڙي ۾ ڪشن جي ماءُ ڏسندو هو. هن جي اکين مان ممتا جو جهرڻو پيو وهندو هو. ان جهرڻي ۾ هنجي دل سنان تہ ڪري ئي نه ٿي سگهي. هو ڊوڙي پنهنجي ماءُ وٽ ايندو هو پر کيس ائين لڳندو هو ڄڻ هنجي ماتا واري جهرڻي ۾ پاڻي ئي ڪونهي!

ناناڻي گهر هو پنهنجي ماسات پڳوان کي ڏسندو هو ـ هنجي ماسي ڪملا جڏهين پنهنجي پٽ کي ڪُتيون ڪري ڪارائيندي هئي تڏهين سندس سنيهه جهولنڊڙ وڻ جيان لڳندو هو. لعل پنهنجي ماءُ جي گود ۾ اڇي وهندو هو. پر کيس ائين ڀاسندو هو ڄڻ هنجي ماءُ پيار روپي وڻ ۾ تازا ۽ چڪنا پتا ڪونهن. اتي کيس سرءُ ۾ ڇڻندڙ پنن جي کڙ کڙ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. لعل آتان اتي پيڇي ويندو هو.

ائين ئي لعلچند پيڇندو رهيو آهي. هنجي ڪلپنا ۾ استريءَ جو موهڪ ۽ ڪلياڻڪاري روپ اچي ئي نه سگهيو آهي. هر استريءَ ۾ کيس استريءَ جي روپ جو فقط هڪ ٽڪر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ان ٽڪري ڪان کيس نفرت آهي.

هو استريءَ ڏانهن وڌي ٿو، نه پيار ڪرڻ جي ڀاونا ڪٺي، پر پنهنجي بکم مٽائڻ جي اڇا رکي. هو استريءَ کي

ٻانهن ۾ جهلي ٿو، نه ڪنهن ڪومل انگ جي سپرش جو آنند پائي گدگد ٿيڻ لاءِ پر ڪنهن لچڪندڙ شرير کي مروڙي ۽ نپوڙي ان مان مزو وٺڻ لاءِ. هڪ استريءَ کي ڇڏي جڏهين هو ٻيءَ ڏانهن ويندو آهي تڏهين پهرين استريءَ جو حسد ۾ جلڻ يا تڙڦڻ وارو خيال کيس خوشي ڏيندو آهي، خوشي- جا انسان کي هميشه اڃايل رکندي آهي، هميشه پياسو ۽ اترپت ڇڏي ويندي آهي.

# منهنجي ناني

**مينگهي!** او مينگهي! آئـي مينگهي! پريان سڏ ٻڌي اسين ڊوڙندا هئاسين ۽ نانيءَ کي هٿ کان وٺي پنهنجي گهر وٺي ايندا هئاسين.

هيرآباد جون گهٽيون هيون لڳ ڀڳ ساڳيون. انڪري ناني اڳيان يا پٺيان، ڪنهن گهٽيءَ ۾ گهڙي، منجهي، وٺي منهنجي ماءُ کي "مينگهي مينگهي" چئي سڏ ڪندي هئي.

منهنجي نانيءَ کي اوهان مان گهڻا "گوپال ماءُ" جي لقب سان سڃاڻندا هوندا. ڪي شايد هاسي يا آسر نالي سان به سڃاڻندا هجنس پر اسين کيس "پاپي" ڪري سڏيندا هئاسين.

پيرن ۾ روغني سليپر، ڪارن تڪڙن وارو ڳاڙهو پڙو ۽ ڏاڍي ڪاهي وتان پيڙن وارو ململ جو چولو پهري، نڪ ۾ ناس چپٽي ڏيئي، پڙي جي ڪنڊ مٺي هٿ ۾ جهلي، ناني جڏهين اسانجي گهر ۾ گهڙندي هئي تڏهين اسين کيس ورائي ويندا هئاسين، "پاپي! اسانجي گهٽي ميرن جي قبن جي ڀرسان آهي، ۽ اسانجو گهر ميران اسڪول جي بلڪل لڳو لڳ، پوءِ به تون منجهين ڇو ٿي؟"

رات جو ناني آکاڻي ڪئنندي هئي. اها آکاڻي اسان اڳ ۾ به گهڻا دفعا ٻڌي هئي پر نانيءَ جي آکاڻي ٻڌائڻ جو ڍنگ اهڙو وڻندڙ هوندو هو جو اسين ور ور ڪري ساڳئي آکاڻي ٻڌائڻ لاءِ زور پريندا هئاسين. آکاڻيءَ ۾ گلڙيءَ جي ماٽيجي

ماءُ ڪيس سوڙو هڻي ماري ٿي ڇڏي ۽ پنهنجي سڳي ڏيءُ کاڻيءَ گلڙيءَ جي جڳهه تي ساهري موڪلي ٿي ڏئي. گلڙي پکي ٻڻجي وڻ جي ٽاريءَ تي ويهي نوڪرن سان ڳالهائي ٿي:

”نوڪرو! پاڻي ڀرا هئہ؟ چي! هان

هنڊ ٻچايا هئہ؟ چي: هان
کانا پڪايا هئہ؟ چي: هان
راڻي گهمي ٿنگہ ٻہ ٽنگان ڪاڻي نال؟“

اچا ناني سوال پڇي تہ اسين سڀ گڏجي چئون ”چي: هان.“ ناني اسانکي ڏسي کلي ۽ اسين کيس ڀڏي کلون.

نانيءَ جا ڏند سڀ سالم هئا ۽ وار ڊگها ۽ ڪارا هئس. هوءَ مونکي چوندي هئي تہ هنهنجا وار سنواري چوٽي ڪر. مان ڦڻي کڻي ايندي هئس تہ چوندي هئي ”نہ ڏيءُ. مان پري جال (ٻڍي زال) ڦڻي ڇا ڪنديس. نهري کڻي ڏي. (آ گرين سان وار لسا ڪرڻ)“ سندس ڊگهي چوٽي هٿ ۾ جهلي مان پڇندي هيس، ”پاپي، تون ننڍي هوندي ڏاڍي سهڻي هوندينءَ“ خوشي ۽ فخر منهن تي پکيڙي ناني چوندي هئي. ”ائي، وهانو ڏينهن سڄي امير شاهي گهٽي، ٻئي ڪٺي مونکي ڏسڻ آئي هئي.اصل‌هوڪو پئجي ويو، چي:”ڪنوار ڪا آهي، جهڙو ڏاڙهونءَ جو داڻو! پيڙي ٻڏي ماسي‌جهميءَ جي، مونکي ڪري ڪوه ۾ اڇلايائين. شاديءَ رات‌ئي ننهن ۽ ناني ڏنہ. منهنجي ماءُ پلا وسوڙي، پيٽ جي چئي، مونکي کڻي ڇهن ٻارن تي وڏائين! مڻو جنہ‌س! ڪڏ ڀنو ٻار ٻہ

ڏنارن ڪـــي ڏاڙو هڻي ويـــو هڻي ويـــو.
لکيل قيد قسمت هئو مـاروئـــي ڪـــي –
عمر جـــو ٻهانو ٻڌي ويـــو ٻڌي ويـــو.

چلو اُٿلائي وري ڪو بيت شروع ڪندي هئي،

”ادا گـــل گـلاب جا تـــون اوري اچ
موکو آهين منهن ۾ تـون گهريو آهين گهچ
چؤ سڙين چاکي؟ تـــون چـــؤ ڪٿي سچ

چي: ”جڏهين چپ پٽيم تڏهين ٻـاغـائيءَ ٻٽ وڏم“
منهنجي وڇين پيڻ وچ ۾ ڊيڪ ڏيندي هئي، ”پـاپـي! انجي معني؟ ڀلا اهو بيت ڪنهن ٺاهيو آهي؟“ پاپي چوندي هئي ”ابا، ڪوي آهن ڏرمارما انهنجو نالو وئي چ اوئيو؟ بس، سندن چوٽيون ياد ڪرڻ ئي چڱو ڪم آهي.“

ٻاهر حيدرآباد جون ڪوسيون لڪون ڦوڪون ڏينديون هيون. اندر اسين باداميون، ڪس ڪس، اچو جبرو ۽ ڦوٽا گهوٽي ٺاڏل ٺاهيندا هئاسين. ”پاپي! تون پيئنديءَ؟“ امي پڇندي هئي. چڱو، ڏيءُ، روپي ڪٺوري ۾ ڪري ڍڪ ڏجانءِ.“

سامهون پنجل موديءَ وٽ يڪتارو وڄائي مسلمان پينار ڳائيندو هو:-

جيڪو مارن جي مانڪي خبر ڪري
ڇمان پير تنهنجا مـــان نيڻ ڌري.
ملڪ مـــارن جـو آهـــي ٺـــڏو
مون ڏينهن ڇمڻ جو آت لعل لـــڌو
منهنجو مارن سان اهو ٻـــول ٻـــڌو

اوچتو هل اٿيو ته ملڪ جو ورهاڱو ٿيو آهي ۽ اسانکي سنڌ ڇڏي هندستان هلڻو پوندو. دپ ۽ هراس پکڙيل لڳو. هيراباد جي هڪ طرف هئي مسلم شاگردن جي هاسٽل ۽ سامهون هو سلاٽن جو پاڙو. مسلمان جوان ڏند ڪڍي ڪلي چوندا هئا، ”پهرين ته هيرآباد جون حورون ڪڍيون!“

هيرآباد جي سيٺي هندن فيصلو ڪيو ته سڀ کان اڳ نياڻين کي سنڌ کان ٻاهر ڪڍبو. مان نانيءَ کان موڪلائڻ هليس. سندس گهر جي ڏيوڍيءَ ۾ قدم رکيم ته سامهون ڪاٺ جي وڏيءَ صندوق وٽ نانيءَ کي اوڪرو ويٺل ڏٺم. مان اندر گهڙيس ته نانيءَ چيو، ”اءِ ڏيءَ، ٻر هي چون ڇا پيا؟ پنهنجو ملڪ به ڪنهن ڇڏيو آهي!“ ائين چوندي چوندي نانيءَ جي اکين مٿان ڇڻ ڏند جو پڙدو ويو ڇانئجندو ۽ هوءَ ڪمر کي هٿ ڏيئي هوريان پٽ تي پاٿاري ٻماري ويهي رهي.

مون ڪيس آٿارڻ جي ڪوشش ڪئي پر هنجي ڇپلهه ٻيهڻ جي شڪتي وڃائي ڇڏي هئي. هوءَ پٽ تي ويهي رهي ۽ ان ڏينهن ڪانپو ءهن پٽ تي ريڙهيون پائڻ شروع ڪيون. ●

# برهما جي ڀل

هيما هڪ ڀل هئي. انسان ۽ سندس چرتر جي ڀل، سماج ۽ سندس نيمن جي ڀل، برهما ۽ سندس سرشٽيءَ جي ڀل.... مطلب ته هوءَ ڀل ئي ڀل هئي.

هيما جي ماتا جو نالو ڪنچن هو. ڪنچن جو نالو ته سونو هو پر هنجو مک ۽ هنجو شرير به سونو هو. اهو سون جو ٽڪرو انسان ۽ برهما جي چوڪن جو مرڪز بڻجي پيو.

چندرما جيان سيتل ۽ صاف مک ڪٽي ڦرندڙ ڪنچن پنهنجي چاچي وٽ سڌپور جي ننڍي شهر ۾ ننڍي پر صاف سٿري گهر ۾ رهندي هئي.

هڪ رات جو جيئن هوءَ دڪان تان ٻتيءَ جو تيل وٺي موٽي رهي هئي تيئن سکو نشئيءَ مٿس پنهنجو چنبو رکيو. پر سون ان باهه مان نڪري آيو. سکوءَ کي پوري وقت تي وچونءَ ڏنگيو ۽ ڪنچن ڀڄي نڪري آئي. ڀڄندي ڀڄندي پهر گذري ويو. هوءَ گهر پهچي ئي پهچي تنهن کان اڳ پاڙي ۾ خبر ڦهلجي ويئي ته ڪنچن سکوءَ سان ڀڄي ويئي آهي.

اڌ رات گذري وڃڻ بعد جڏهين هوءَ سهڪي سهڪي اچي گهر جي در وٽ ڪري تڏهين جوريءَ جج اتي نهيهه اچي حاضر ٿياه دريافت ڪرڻ بنا ڪنچن جي برخلاف فتويٰ پاس ٿي ويئي. سماج جي ڪورٽ ۾ ڏوهيءَ پاران وڪيل ڪرڻ جو رواج ته ٿيندو ئي ڪونه. آهي پوءِ ڏوهيءَ کي بي ڏوهي ڪير ثابت ڪري؟

ڪنچن جي بيان تي ڪنهن کي به اعتبار ڪين آيو، اعتبار ڪن به ڇو؟ جڏهين هنن کي وٺندڙ کوڙ پيارو هو. تڏهين ان کي قربان ڪري اڌوٺندڙ سچ کي ڇو پڪڙين؟

ڪنچن جي چاچي ڪيس در اندر پير ڌرڻ نه ڏنو. ”شريف گهر ۾ اهڙي ڇوڪريءَ جي رهڻ لاءِ ڪابه جڳهه نه ٿيندي آهي.“ ڪنچن ٻاڏائڻ لڳي، ”ڪاڪا، سکو نشئيءَ ـ منهنجو وات ٻڌي ڇڏيو هو. مان ڀلا ان سان ڪيئن ٿي ڀڄي سگهيس؟ ڪاڪا، ڀڳوان جو سنهن! منهنجي ڀڳوان پت رکي ورتي. ڪاڪا، مان اڳي جيان ئي نردوش ۽ نرليپ آهيان.“.... ڪاڪي در بند ڪري ڇڏيو. ”ڇوري، ڇري ڪنهن جاءِ جي!“

ڪنچن در وٽ مٿو رکي زندگيءَ پر جون آسون وهايون. ”ڪاڪا، مونکي بنا ڏوهه اهڙي سزا نه ڏيو. ڪاڪا مونکي بي پناهه نه ڪريو....“. برهما استريءَ کي استري بنائي مٿس ڏوهه جو ٺپو هڻي ئي ڇڏيو هو. انسان ڪڏهين به استريءَ کي بي ڏوهي ثابت ڪرڻ جو وجهه ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿيو.

پاڙي جي استرين ته ٺٺولي مچائي ڏني. هنجي ته ڀڳوان ٻڌي هئي. ڪنچن جو سون جي ول جهڙو شرير ڏسي هو حسد وچان پوسرنديون هيون. استريءَ جو سياءُ به هڪ عجيب چيز آهي! ٻيءَ ڪنهن استريءَ جو گڻ ڪانئس سٺوئي نه ويندو آهي. باقي جي اوگڻ پڇوس ته هڪدم خورد بيني ٻڌجي ان کي لنبو ۽ ويڪرو ڪري ڏيکاريندي!

ڪنچن جون ساهيڙيون ته خاص طرح هنجو مذاق اڏائڻ

اهي سڀ گڻ ڪوڙن پٽرن جيان نڪما ٿي پوندا آهن.

پر هيما کي تہ استريپڻي جي گهرج ئي نہ هئي. هوءَ گڻن کي ڪري ئي ڪيڏانهن؟ هن وٽ لڇڻن جو موجود هئڻ قاعدي جي برخلاف هو. هوءَ هاڻ چڱيءَ طرح سمجهي ويئي هئي تہ سڀ ڪا چيز پنهنجي جڳهہ تي ئي ٺيڪ ٺهندي.

هاڻ تہ هيما هڪ نانگڻ هئي، زهر سان ڀريل خوفناڪ نانگڻ جو ڏنگ بہ چڪ پائڻ سان لڳندو آهي پر هيما ان کان بہ وڌيڪ خوفناڪ هئي. هنجي مسڪراهٽ ۾ بہ زهر ڀريل هو. جتي بہ هوءَ مسڪرائيندي هئي اتي سڄي وايو منڊل ۾ زهر ڦهلجي ويندو هو. سندس سهيليون کانئس پڇنديون هيون تہ تو وٽ ايترو سارو زهر ڪٿان آيو آهي؟ هيما کلي ڏيندي هئي. ”اڙي هيترا سارا نانگ جـي منهنجي چوگرد ڦرن ٿا، انهنجي ڦوڪ ۾ ڇا امرت رهندو آهي؟ هو مونکي زهريلو ڪن ٿا ۽ مان هنن کي. پر خبر ناهي، ڇو دنيا هنن کي ڀليل انسان ۽ مونکي نانگڻ ڪري سڏيندي آهي!“

هيما جڏهين نچندي هئي تڏهين سندس ڪمر وراڪا کائيندي هئي. هنجي هڪ هڪ وراڪي ۾ ڪنهن نہ ڪنهن جو مـن ويڙهجي ويندو هـو. هوءَ اروڙ بلا بڻجي هڪ هڪ ڪري سڀني جا من گيهي ويندي هئي. هنجي، مور جهڙي ڳچي جڏهين لچڪندي هئي تڏهين چوگرد ويٺلن جون دليون ڦرڙ ڪري وڃي سندس قدمن تي ڪرنديون هيون. هوءَ نهايت بيدرديءَ سان انهن کي پيرن سان لتاڙي، انهن کي ڇيڇري ڇڏيندي هئي. پلا هنجي دل تي ڪنهن رحم ڪيو جو هاڻ

جهگڙي جو فيصلو ڪير ڪري؟

هيما اڃا به نچي رهي آهي ۽ نچي نچي وايومنڊل ۾ زهر ڦهلائي رهي آهي پر برهما ۽ انسان پنهنجي پل قبولين چپو ٿيا؟ هو پنهنجو ڌوهه لاهي هڪ ٻئي مٿان مڙهڻ ۾ ئي مشغول آهن. ●

# سوني آما

**ڪولابا** ۾ مارڪيٽ سان پئي لنگهيس ته هڪ جهور ٻڍي ڏٺم. هيٺ جهڪيل چيلهه تي هٿ رکي، ٻئي هٿ ۾ ننڍڙي گوڏري لڏائيندي، زمين ڏانهن ڏسندي هوءَ پير پير ۾ پاڻي هلي رهي هئي. ڪيس ڏسي جهانگير ۽ نورجهان جي گفتگو من جي سطح تي تري آئي. جهانگير پڇيو، ”اي جان من! هيءَ ٻڍي زمين تي ڇا ڳولهي رهي آهي.؟“ نورجهان نهم پهه جواب ڏنو: ”جهان پناهه! هيءَ پنهنجي وڃايل جوانيءَ کي ڳولهي رهي آهي.“

اوچتو ٻڍي بيهي رهي. هيڏانهن هوڏانهن نهاري هڪ پاڇيءَ واري ڏانهن نهارڻ لڳي. دڪان جي ويجهو وڃي هڪ موري کڻي اکين جي بلڪل نزديڪ آڻي انکي ڦيرائي گهيرائي جاچي ڏسڻ لڳي. پاڇيءَ واري پيئي ڪيس هڪل ڪئي، ”اي ٻڍي ديکتي ڪيا هئه؟ لينا هو تو پئسا ڦئنڪ دو، ورنا آگي بڙهو!“ ويچاري ٻڍي سمجهي ويئي. آمالڪ موري ڪري ٽوڪري ۾ رکيائين.

جئين منهن ورائي اڳتي ٿي وڌي تئين مونکي ڏٺائين ۽ منٿ ڪندڙ آواز ۾ چيائين، ”ڏيئڙي! شل ڀاڳ ڀلو ٿيئي! هڪ تازي موري ته ڏسي ڏي.“ ائين چئي ڪنڌ ٿورو مٿي ڪري هن مونڏانهن نهاريو. سندس نهار ڏسي، مون چرڪ ڀريو.

جي ڪمري ۾ واڻ جي کٽ ۽ فراسي رکيل هئي. سندس هٿ روڪي ڪيس خرچ پکي لاءِ ماهوار چاليهه رپيا ٻڌي ڏنا ويا.

اما ڏينهن جو تيل جي انبڙي ڪٽي ماني ڪائيندي هئي ۽ رات جو پاپڙ ۽ ڪچٽي. پر بيوهه وسي وٽس بئي ويلا ڪائيندي هئي ۽ ٻار وٽانئس ڪنڊ پگڙن جي جهول ڀري نڪرندا هئا.

ڪندن کي سٺن هٿڻ جي عادت هئي. سوني اما جي ٻئار جي جاءِ وڪامي ويئي! اما کي ڪنڊ واري ڪوٺي ٻه خالي ڪرڻي پيئي.

هاڻي هوءَ پنج روپيه مسواڙ ڀري هڪ بلڪل ئي ننڍي جاءِ ۾ اچي رهي اها جاءِ حقيقت ۾ جاءِ ته نه هئي، بس ٻن گهرن جي وچ ۾ هڪ ڏيڍلي ئي هئي پر اما ڇا ڪري؟

اما اڱڻ مڙهڻ ۽ ڪيچا ڪچريون ڌاهڻ لڳي. اما جي للاٽ تي ڏيرج مشڪي رهيو هو پر سندس ڪارن وارن پنهنجو رنگ بدلائڻ شروع ڪيو. وقت ڪان اڇ رنگ چڙهڻ تي ٻه وارن کي ڪو غم ڪونه هو. اهي چانديءَ جي تارن جيان چمڪي رهيا هئا. هڪ دفعي اميءَ مونکي اما وٽان ٻن پئسن جو اڱڻ وٺي اچڻ لاءِ موڪليو ته اما منهنجي گهگهري مٿي جهلي ان ۾ چانورن جي ڦلن سان مٺ ڀري وڌي هئي.

سوني اما جي هٿن ۾ موري ڏيئي مون چيو "اما، هيءَ موري توکان ڪيئن ڇڏبي؟" اما ورندي ڏني، "پٽ! ٻچڙي جو وات ٿيو آهي ڦڪو، موري واڱڻ جي ٻاجيءَ تي ڪٽي

ائس دل، سوچيم ته ....“ ”ٻچڙو! اما! تنهنجو پٽ؟ ڪهڙو پٽ؟“ ”ٻچڙي! ڪندن پٽ. مونکانسواءِ سندس ڪير ويٺو آهي، جو سندس دل پوري ڪري ....“

# هيءَ ذات پرواني جي

بي. اي. جا فائينل امتحان هلي رهيا هئا. هو ڪتاب اندر رکي ٻاهر ويو. ٻن منٽن بعد ئي اندر آيو ته ڏٺم اڇا ٻه رومال سان منهن اگهي رهيو هو. بينچ تي وهڻ کان اڳ، پهو رومال ڪڍي ان سان، اڳيان ڊيسڪ ۽ پنيان ٻنهي رکڻ واري ٽوڙي وهڻ واريون جڳهيون اگهيائين.

جڏهن هو ويٺو، مون کيس ڏسي مشڪي ڏنو. سندس سر تي ڳنڍ ٻڌل چوٽي ٻراجمان هئي.

گهنڊ وڳو. پيپر ورهايا ويا. سڀني جون اکيون پيپر ۾ هيون. ٻنن جي کڙ کڙ ۽ نڙي صاف ڪرڻ جا گونا گون آواز ٻڌڻ ۾ آيا. هن ڏانهن نهاريم. اکيون پوري ڪجهه پڙهي رهيو هو. اکيون کولڻ بعد خالي آڱر سان ڪاپي جي مٿان اوم اکر لکيائين ۽ پوءِ سؤستڪا جي آڪار سان نهڪندڙ آڱر جو گهاءُ ڪيائين.

هاڻي بلڪل خاموشي هئي. گهڻن شاگردن لکڻ شروع ڪيو هو. منجهائن ڪي اهڙيءَ تيزيءَ سان قلم هلائي رهيا هئا، ڄڻ انجي تيزيءَ جي شرط پڄائڻي اٿن. ڪي پاڻيءَ جي پخالن جيان ڪاپيءَ تي پاڻي اوتي رهيا هئا ته ڪي ڳانءَ جي چيڪي جيان اکر اکر تي زور ڏيئي لکي رهيا هئا. ڪي ته وري انهيءَ تاڙ ۾ هئا ته اڳيان ويٺل جو ڪنڌ هن يا هن پاسي ٿئي ته سندس ڪاپيءَ تي لکيل جملا جهٽ

آهي، پر ان بيماريءَ هن ويچاري کي نهايت غلط وقت تي اچي پڪڙيو هو!

اڌ ڪلاڪ گذري چڪو هو پر مون مس دباش ڏانهن چتائي ڪين نهاريو هو. هاڻ ڪيس ڏنم .... هوءَ عام پارسي ڇوڪرين جيان ٿڌي سفيد رنگ يا ڏگهي وريل نڪ واري ڇوڪري ڪين هئي. سندس منهن گول ۽ پريل، چمڙي ڪڻڪ رنگي ۽ تازي، پرؤن سنهيون ۽ وريل، چپ ٿلها ۽ ڪارسرا ۽ نڪ ننڍو ۽ سڌو هو! سڀ گڏي سندس منهن نهايت دلڪش پئي ڀاسيو.

ٽڙيل جوڀن وقت هرڪا نينگر راڻي لڳندي آهي ۽ هن جي دل ان راڻيءَ کي سلام ڪري سندس قدم بوسي ڪري رهي هئي. هوءَ ڪتاب پڙهي رهي هئي ۽ هنجي نظر جهڪيل پلڪن تان قربان وڃي رهي هئي.

ڪتاب پڙهڻ واريءَ رکي رکي ڪتاب تان نگاهه هٽائي ٿي، پر هن سامهون واري مڪان ۾ وينٽيليٽرس تي ويٺل ڪبوتر ڏانهن ٿئي نهاريو.

مونکي ان امتحان ڏيندڙ تي قياس آيو. پرسان وڃي، آهستي چيومانس، ”فائينل امتحان آهي. وقت نه وڃاء. هوش سنڀالي، ڏيان سان لک.“ پر منهنجو آواز سندس اکيان ۽ پنيان ويٺلن ٿي پڌو!

مان موٽي دباش وٽ آيس. دل ٿي ته چوانس ته تون پنهنجي جوڀن جي لؤ کٿي ڪجهه وقت لاء ڪٿي هلي وڃ ته هيءُ ويچارو ڪجهه لکي امتحان پاس ڪري وٺي، پر هڪ

فرض نباهيندڙ سپروائيزر کي اٿين چٽي نه سگهيس.

ڪلاڪ پورو ٿيو. دباش اوباسي ڏني. ڪتاب بند ڪري هوءَ ڪلاس ۾ وينلن تي نظر گهمائڻ لڳي. پرواني جي نظر ان نظر کي ڏاڍو ليلايو ته ”ڪجهه وقت مون وٽ اچي ترس.“ پر دباش جي نظر هڪ ڇوڪريءَ جي پرنٽيڊ ڪڙتي ۾ وڃي اٽڪي! اتان پاڻ ڇڏايائين ته وري وڃي ٻيءَ ڇوڪريءَ جي ڳلي ۾ پيل هار تي ڄمي ويهي رهي! ويچارو برهمڻ جو پٽ ديويءَ اڳيان پل چڙهندڙ ڇيلي جيان ٻيوسيءَ سان نهارڻ لڳو.

هوءَ ڪرسيءَ تان اٿي، هيٺ لهڻ لڳي. ڇيلهه سنهي ۽ ڊگهي.... سينو ڳول ۽ اپيل.... فراڪ جي ڪٽنگ نهايت فنڪاريءَ سان ڦهڪيل، ٽنگون ڊگهيون ۽ مٿن ماس پوري حساب سان چڙهيل، چال چلولي ۽ مستاني....!

دباش جون ٻانهون هڪ ٻئي مٿان ويڙهيل هيون، پر هن جون ٻئي اکيون ڦهلجي ويئون!

”مري ويو، ويچارو!“ منهنجيءَ دل چيو.

همٿ ٻڌي دباش کي چيم، ”تون ويهي رهه. مان ٿي چڪر هڻي نگراني ڪريان.“

دباش منهنجي بدن ۽ وارن ڏانهن نهاريو. منهنجيءَ عمر ۽ ٿولهه تي ٽٽولي ڪرڻ بدران چيائين، ”توهانکي ٿي وهڻ سونهين ٿو.“ هنجي اکين ۾ مروت ۽ چپن تي مشڪ هئي.

پلا، مان ڪيئن چوانس ته منهنجي هلڻ ۽ تنهنجي ويهڻ سان ٿي هنن امتحان ڏيندڙن جو پلو ڀينڊو!

هوءَ کلڻ لڳي ۽ اڇي هن چوٽيءَ واري وٽ ويٺي. هن جي دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿي ويئي يا صفا بيهي ويئي، معلوم نہ ٿي سگهيو.

دباش هنجي ڪاپي کڻي ۽ چيائين، "فرسٽ ڪلاسچن، ويري ويل رٽن. واءِ ڊونٽ يوُ اٽينڊ دي نيڪسٽ ون؟ (پهرئين سوال جو جواب تمام سٺو لکيل آهي. ٻيو پيو لکڻ جو يتن نہ ٿو ڪرين؟)

هو ادب سان اٿي بيٺو.

هن جا چپ ڦڙڪي رهيا هئا، پر انهن مان آواز ڪونہ نڪتو.

هو هڪ عجيب ڍنگ سان ناسن مان ساهہ چڪي اندر موڪلي رهيو هو. سندس نرڙ پگهر جي بوندن سان چمڪڻ لڳو ....

ڪاپي رکي دباش اڳتي وڌي آئي. هاڻ هنجو حال ائين هو، ڄڻ ڪجهہ دکي پوءِ ٻري رهيو آهي.... ڄڻ هڪ ڪوئلو هو جو هاڻ ٽانڊو ٻڻجي پيو هو!

وارننگ بيل لڳو.... هن مٺي جي پنهي پاسن کان هٿ رکيا ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيائين!

سندس چوٽيءَ جي پڇڙي اڳيان نمي ويئي هئي، ڄڻ ڪو وڏ طوفان ۾ ڪري پيو هو!

مونکي لڳو تہ اهو، جو ڏگري وٺي ڪٿي اڏامي ها، تنهن پنهنجا ٻئي پنک جلائي ڇڏيا!

## مان بي وفا نہ آھيان

**آشا:** مان آشا آھيان. پنھنجي ڪلا- ساڌنا ۾ مست رهندي آھيان. پاونگر ۾ نئون ڪاليج کليو آھي. مان اتي نرتيہ سيکارڻ لاءِ مقرر ٿي آھيان. مون نرتيہ پريڪشائون برابر پاس ڪيون آھن پر جوين اوستا پار ڪين ڪئي اٿم. مکڙيءَ واري بيتابي ڪٿي، حياءَ جو دامن سوگھو جهلي، پنھنجي پير ۾ گھنگھروءَ ٻڌي، سنگيت جي لئہ تي نچندي آھيان ۽ پنھنجي شاگرديائين کي پنھنجي پير پنيان پير کڻندو ڏسي، پرسن ٿيندي آھيان.

ان ئي ڪاليج ۾ هو آيو آھي. ڪاليج ۾ ڇا، هو منھنجي جيون ۾ گھڙي آيو آھي. نراڙ اوچو، هلت شاهاڻي، بدن، سڌو ۽ ٻولائتو، اکين ۾ چمڪ، گنڀير ٻڌي بحث ڪندو آھي تہ ورهسپتيءَ جھڙو سياڻو ڀاسندو آھي. ڪنھنجو نقل ڪري ڳالھائيندو يا هلندو آھي تہ گوڪل جو مستيخور گوپال لڳندو آھي. ڪنھنجون چاپيون گم ٿين يا ڪنھنجو ٿيلھو نظر نہ اچي تہ پڪ ڄاڻجو، اها هنجي ئي حرڪت هوندي.

سندس حاضريءَ جو جادو سڀني تي هلندو آھي. پر مونتي سندس حاضري توڙي غير حاضريءَ - ٻنهي جو جادو هلي ويو آھي. هو منھنجو ٿي ويو آھي. هنکي ڇا وڻي ٿو ۽ ڇا نٿو وڻي، مونکي معلوم ٿي ويو آھي. هن وقت هو ڪٿي

آهي ۽ ڇا وينو ڪري؟ مونکي خبر ٿي پئجي وڃي. پريم کي ڪيڏي نه سوکيم درشٽي آهي! پريتم جي هرهڪ ڳالهه جاچڻ ۾ پريميءَ جا سڀ حواس ڪهڙي نه تيزيءَ سان ڪم ڪن ٿا.

هڪ اهڙي پاونا ٻن دلين ۾ آيري ٿي جا ٻنهي کي هڪ ٻئي جو ٻڌائي ڇڏي ٿي. جڏهين هو سڄي جو سڄو منهنجي روم روم ۾ وسي رهيو آهي تڏهين هروڀرو اهو ضروري نه آهي ته هو جسماني طرح به مونکي ڇهي، پر تنهن هوندي به هڪ دفعو، صرف هڪ دفعو بلڪل اچاتري نموني ۾ هن منهنجو هٿ پڪڙيو آهي، بس! هنجي ڇهاءَ جي سڳنڌ منهنجي شرير جي هرهڪ انگ ۾ پرجي ويئي آهي!

نريش: مان نريش آهيان. آشا سهڻي نه آهي پر نه معلوم ڇو مونکي وڻي ويئي آهي. پريم هن لاءِ پوڄا آهي ۽ مان هنجي دل - مندر جي مورتي. شروعات ۾ هوءَ پري کان هٿ مٿي کڻي مونکي پرڻام ڪندي هئي. پر هاڻي نيڻن جا ديپ جلائي، منهنجي اچڻ تي منهنجي آرتي آتاريندي آهي. مان پنهنجي چوگرد سندس سواسن جو واس ڌوپ بخوبيءَ محسوس ڪندو آهيان. اهو سچ آهي ته مون آشا جي پپر جي تازي ۽ ڪومل پتي جيان نازڪ چپن جي چاشني ڪڏهين به ڪانه چکي آهي پر مان هنجوڳي آهيان، اهڙي ڳالهه مونکي هڪ پل لاءِ به نه وسرندي آهي.

مونتي هنجو پورو ڀروسو آهي ۽ منهنجو هنتي. هنجي نزديڪ ويهڻ سان منهنجي من جي اڄ لهي ويندي آهي.

نہ رهي آهي. اچانڪ من ۾ دوريءَ جو آڀاس ٿيڻ لڳو آهي.
هڪ گهرو درد منهنجي دل کي نپوڙي رهيو آهي.

**نريش:** ڳالهين جي وچ ۾ آشا چئي ڏنو، ”پرش کي پريم ڪرڻ نہ ايندو آهي.“ مان آشا سان شامل راءِ نہ آهيان. پرش پريم ڪندو آهي ۽ ضرور ڪندو آهي. آشا ڄاڻهن جيڪا منهنجي پلونا هئي انکي بريم نہ- تہ ٻيو ڇا سڏبو؟ سچ تہ اهو آهي تہ پرش پيار ڪري ٿو ۽ گهرائيءَ سان پيار ڪري ٿو. اصل مست بڻجي پيار ڪري ٿو.

**آشا:** آف! پرش اوستائين پريم ڪري ٿو جيستائين سندس دل ۾ ڪنهن لاءِ چاهنا پيدا ٿئي ٿي. هنجي چاهنا زور سان اڀري وڌي ٿي، سمنڊ جي لهر جيان اڀري. پر لهر ڪناري وٽ پهچي واپس وري ٿي. پرش جي چاهت بہ منزل وٽ پهچي سست بڻجي وڃي ٿي. پرش جو پيار معنيٰ مسافري هڪ دل کان ٻيءَ دل تائين مسافري. معلوم ٿي وڃيس تہ جنهنکي چاهيان ٿو، سا بہ مونکي چاهي ٿي، ايترو چاهي ٿي جو ملي سگهي ٿي يا ملي ئي ويئي آهي تہ بس اها مسافري پوري ٿي! ٿورو ٽڪ ٻيجي وري ٻي مسافري شروع ڪندو.

**نريش:** مونکي آشا کان وڌيڪ ڳوپي وڻي ٿي. ڪهڙي نہ چلولي ۽ ڪلڻي آهي! اوهين مونکي بي وفا ٿا سڏيو؟ نہ پيلي- اهڙو ظلم نہ ڪريو. خبر ناهي اهو ڦيرو مون ۾ ڪيئن ۽ ڇو آيو؟ مون ائين چاهيو تہ نہ هو منهنجي نہ چاهيندي بہ ائين ٿي ويو آهي. شايد مان ائين ئي بڻيل آهيان.

**آشا:** هو ڳوپيءَ جي ادائن تي فدا آهي. هڪ پاسي ناز

جي گهري تمنا هيءَ ٿي آهي. ڪو هجي جنهنکي مان ڪپان، ضرور ڪپان. ڪنهنکي منهنجي گهرج هجي. ايتري گهرج جو منهنجي پيار جي سهاري بنا هو جاي ٿي نه سگهي. بس ان گهرج جي پورائي ڪرڻ لاءِ پاڻ ڏيڻ ۾ ئي استري پنهنجو جيون سارٿڪ سمجهي ٿي.

پر استري ائين نٿي چاهي ته اهو ڪو ڪيس بس جان چيز جيان ڪتب آڻي. جڏهين عورت جي ان ذاتي گڻ جو فائدو ناجائز فائدو وٺي، ڪيس ڪتب آڻڻ جي خيال کان ڪتب آندو وڃي ٿو تڏهين استريءَ جي دل ٽٽي پوي ٿي. بس منهنجي دل ائين ئي ڏوڙي ويئي آهي.

# ڊائري

ڏياري تي جيئن پين وٽان مبارڪن جا ڪارڊ پهتا تيئن سشيءَ وٽان رجسٽرڊ ٽپال هڪ ڊائري پهتي! سشي.... ڇا ٽئين سال جي ڊائري موڪلي جهوني ساهيڙپ تي ڳنڍي؟ مڪار.... دوکيباز! نفرت وچان مون ڊائري ميز تي اڇلي.

سشي جڏهن پهرين پهرين ناٽڪ ۾ پارٽ کڻڻ لاءِ اسان وٽ آئي هئي، سندس شڪل شبيهه ۽ سڊول بدن ڏسي اسان سڀني سندس سواگت ڪيو هو. پر ناٽڪ جي ريهرسل ڪندي هوءَ ڏاڍو ڏڪي رهي هئي. اڃا جسونت چوي، ”تون منهنجي مومل، مان پڻا توکي ائين ڪيئن چوندس؟“ ته سشيءَ جو چهرو لال لال ۽ گرم گرم پيو ٿيندو وڃي ۽ سندس هٿ پيا ٿڌا ٿڌا ٿيندا وڃن! هوءَ لڄ جي گهيري کان ٻاهر نڪري نه پئي سگهي.

جسونت ۽ مون پاڻ ۾ صلاح ڪئي ۽ پوءِ جسونت وارو ڊائلاگ مون ڇيو ۽ ان طرح ائڪٽنگ ڪيم ڄڻ ته مان ڇوڪرو آهيان. آهستي آهستي سشيءَ جي همٿ لهندي ويئي. ان کانپوءِ هميشه ائين ئي ٿيندو هو. سشيءَ سان جيڪو به ڇوڪرو پارٽ ڪري، ان جو ڊائلاگ پهرين مان ئي چوندي هيس ۽ پوءِ ئي اهو ڇوڪرو ساڻس ريهرسل ڪندو هو. ڌيري ڌيري سشي بهادر ٿيندي ويئي. هاڻي هوءَ بي ڌڙڪ اسٽيج تي هلي ويندي هئي، مون جهان هڪ همٿ بنا رومانٽڪ

ڊائلاگ چئي ويندي هئي. نوجوان استريءَ توڙي پڍيءَ عورت جو پارٽ ادا ڪري ويندي هئي ۽ نهايت سڦلتا سان جذباتي رول نڀاهي ويندي هئي.

پوءِ به مٿي چڙهڻ سان سندس مٿو ڪين ڦريو هو. هوءَ هر ڳالهه ۾ منهنجي صلاح وٺندي هئي ۽ منهنجي هر صلاح مڃيندي هئي.

ائين اسان هڪ ناٽڪ جي سلور جبلي ملهائي، پيو ناٽڪ ڊبوئيءَ ۾ پيش ڪيوسين ۽ تنهن ناٽڪ ۾ اهڙو ڌاڪو ڄمايوسين جو ماڻهن ور ور ڪري ان ناٽڪ جي تقاضا پئي ڪئي. ايتري قدر جو اهو ناٽڪ هڪ سو پنج دفعا اسٽيج تي پيش ٿيو تڏهين به ماڻهو ٽڪيٽ دريءَ تان نراس موٽي پئي ويا!

اجمير ۾ منهنجيءَ ماسات جي شادي هئي. پيءُ جي سرگواس ڪري وڃڻ بعد اسين ماسيءَ جي جاءِ ۾ اچي مسواڙ تي رهيا هئاسين. در در ۾ گهر هو، سو اٿڻ ويهڻ، سڀڻ پرڻ سڀ گڏ ٿيندو هو. ان حساب سان هوءَ منهنجي ماسات نه پر ڀيڻ ٿي هئي، پوءِ ڀيڻ جي شاديءَ تي ڪيئن نه وڃان؟

پنيان اسانجي تواريءَ ڪي احمدآباد مان ڪوٽ آئي. جسونت لکيو ته اسين تنهنجيءَ جاءِ تي سشيءَ کي هيروئن بڻائي وٺي تا وڃون. ڪنهن اتسو ملهائڻ جي سلسلي ۾ ڏي ناٽڪ پيش ڪرڻو هو ان ڪري تاريخون بدلائڻ جو ته سوال ئي نه ٿي پئدا ٿيو.

اجمير مان موٽڻ بعد محسوس ڪيم ته سڀ ڪجهه

تون!" سشيءَ آليون اکيون ڪئي مون ڏانهن نهاريو پر چيو ڪجهه به ڪين. مان شاديءَ تي ويس ٿي ڪانه. بس پنهي سان مون ناتو ٽوڙي ڇڏيو!

شاديءَ بعد سال اندر ئي جسونت گذر ڪري ويو. مون کي ڏکه ته ٿيو پر ان کان وڌيڪ خوشي ٿي ته سشيءَ کان جسونت جلد ئي کسجي ويو!

شاديءَ تي نه ويس ته پرچائي ڪرڻ ڪيئن وڃان؟ نه پيار جي ڇڪ، نه ساهيڙپ جو ننگ منهنجي من کي مڃائي سگهيو.

ٻن ٽن ڏينهن بعد مون ڏياريءَ جي ڪارڊن جي ۽ ههچ ۽ شڪرگذاري ظاهر ڪرڻ لاءِ قلم هٿ ۾ کنيو ته نه چاهيندي به ڊائري جي چوگرد ويڙهيل پنو ازخود ڦاڙي وڌم. ڊائري جسونت جي ئي هئي!

سشيءَ پنو اٽڪائي لکيو هو: "سندس اِڇا انوسار سندس هلي وڃڻ بعد هنجي ڊائري توکي موڪلي رهي آهيان."

"نمو! توکي معلوم ناهي پر جسونت کي معلوم هو. شاديءَ بعد منهنجي مڙس خانداني ضد سبب مونکي ڇڏي ڏنو هو. منهنجي پاءَ جي زال جو هو مائٽ هو. بس هوءَ پيڪي هلي ويئي ته هن به مونکي پيڪي آماڻي ڇڏيو هو!

جسونت منهنجي ساهرن کي سچائيندو هو ۽ هن ئي مونکي ناٽڪن ۾ پارٽ ڪٺي من وندرائڻ لاءِ آتساهت ڪيو هو.

جڏهين ڊاڪٽر هنکي ڪئنسر هئڻ بابت ڪجهه، چيو،

هو ڏاڍو ڏچي ويو هو. تو وٽان آئٽ پاڻ لاءِ هو تو وٽ آيو هو پر تون....

مان عورت آهيان. شيوا ۽ همدردي ڪرڻ نه رڳو منهنجو سڀاءُ آهي پر اهو منهنجو حق آهي. منهنجي مڙس اهو حق مون کان کسي ورتو هو. مون جسونت سان همدردي ڪئي ۽ سندس خدمت ڪئي. هنکي استريءَ جي ٻڪيس ساٿ جي سخت ضرورت هئي ڇاڪاڻ ته هنکي پنهنجي ماءُ به ننڍپڻ ۾ ڇڏي ويئي هئي.

جسونت کي خبر هئي ته هنکي جلد مرڻو آهي. پر هڪ ته تو عجيب رخ اختيار ڪيو هو ۽ ٻيو ته هن خود نه ٿي چاهيو ته هو توکي وڌوا بڻائي!

مون جسونت کي پنهنجو ساٿ آڇيو. ٿوري وقت لاءِ ٿي سهين.... اسان ٻنهي کي ساٿي ٻانهن جي ڏرڻيءَ جي گهرج هئي.

توسان ناحق ڪيم؟ مان ته ٿي ميان.

توتي احسان ڪيم؟ ائين به ڪيئن چوان؟

سک مليو. "صرف ڪي مهنا. پر هن فاني جهان ۾ جٽادار ڇا آهي يلا؟"

جسونت.... هڪ پني تي.... تاريخ وجهي لکيو هو.... هنجو مونسان ٿي پيار هو....

مون محسوس ڪيو.... ڪئنسر جسونت جو وات زخمي ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي وهنوار سندس هردو.... !

## ڪاريون اکيون

ڏينهن جا سادا پارهن لڳا هئا. سينگاپور جي تيز اُس ۽ گرم آبهوا ۾ پليل بدن ۽ لنبي ڊيگهه ڪٽي هو ڪمري اندر گهڙيو. هانگ ڪانگ ۾ هو پهريون دفعو آيو هو.

ڪمرو ايئرڪنڊيشنڊ ٿيل هو. اندر، هڪ ڪنڊ ۾ مور جي پنک جهڙي رنگ جو صوفا سيٽ پيل هو، جو ڪنڊ وٽ گول آڪار وٺي بيٺو هو. هانگ ڪانگ جا فرنيچر وارا نازنين جي فراڪ جيان صوفا جي ڪپڙي کي به جهالر، پليٽون ۽ ٻتڻ هڻي نزاڪت وارو ٺاهيندا آهن. ان نزاڪتي ۽ قيمتي صوفا جي وچ ۾ بيضي جي آڪار واري ڊگهي ميز رکيل هئي جنهنجي چيڙن تي ۽ وچ ۾ ٿي جيڊ (Jade) پٿر مان ٺهيل ائشٽريز رکيل هيون. ٻئي پاسي ڪاري شيشم جون وڏيون ۽ ويڪريون ڇهه ڪرسيون پيل هيون جنجي ويهڪ ۽ پٺ تي ڪاري پلش مان ٺهيل گديون رکيون هيون. ويهڪ وارين گدين تي منهلا جو پڙت ٿيل هو جنهن ۾ ڳاڙها پکي ۽ سايون ٽاڙيون پٺي ڏسڻ ۾ آيون. پٺ وارين گدين تي ٿائلنڊ جي نرتيه چٽر_ جنهن ۾ پراچين ٻڌ مندر جي گنبذ جهڙا مکٽ پهري ڇوڪرو ڇوڪري نچي رهيا هئا، چمڪندڙ رنگن سان پينٽ ٿيل هئا.

اندر آيل جوان سامهون پيل ميز وٽ هلي آيو. ٻه پير جدا ڪري، مغروريءَ سان ڪلها جهلي، ڪرسيءَ تي هٿ رکي اچي بيٺو.

جوان ڏانهن نهاريائين. جوان ڏٺو ته ڪاريءَ پلش تي وڪيل به اڇا چمڪندڙ هيرا ڏنا هئا، پر اڇيءَ بخمل تي رکيل ٻه ڪارا ۽ پاٽيانا، چمڪندڙ ۽ چرندڙ پٿر ڪڏهن به نه ڏسيا هئائين!

پين ڪٺي، اڳيان جيان عاج جي ڪرسيءَ تي ويٺل آدميءَ ڏانهن منهن ڪري ڇوڪري بلڪل سڌي تي ويٺي. هنجي لؤنڊڙي به جوان طرف ڪين مڙي.

آدميءَ هٿ جي اشاري سان جوان کي وهڻ جو اشارو ڪيو ۽ چيو، ”توکي ڇا کپي؟“

جوان ويٺو. ڇوڪريءَ جي طرف کان هڪ وٽندڙ خوشبوءِ آئي ۽ کيس وڪوڙي ويئي. هن محسوس ڪيو ته ڇوڪري سڌي ويٺي آهي پر هنجا ڪن پاڻ ۾ نهايت گهڻي دلچسپي ڏيري سندس آواز جهٽڻ لاءِ تيار ويٺا آهن.

”مونکي؟ مون سمجهيو ته اوهانکي ڪنهن ماڻهوءَ جي ضرورت آهي- اهڙي ماڻهوءَ جي، جو اوهانجي پڇندڙ پڙندڙ عمارت جهڙي ڪاروبار کي اڇي سنڀالي ۽ سندس حالت سڌاري.“

ڪرسيءَ تي ٿلهيل آدميءَ جو ڇروٽ ٻه دفعا هيٺ مٿي ٿيو، ڇڻ هن پنهنجو غصو ڇپاڙي ورتو. ميز تي رکيل وزٽنگ ڪارڊ ڏانهن نگاهه ڦيرائي هن چيو، ”تون ڇا ڇا ڄاڻين؟“

جواب ۾ هن پنهنجي درخواست وارو پنو کولي، ڦيرائي هنجي اڳيان رکيو.

”رکي وڃ. ضرورت پيئي ته توکي خبر ڏبي.“

جوان جي اکين ۾ ويچار شڪتيءَ جي گهرائي هئي. پر

هن انتي پڙدو وڌو ۽ اٿيو. ٻن ڪارين اکين جون پلڪون اٿين ڦرڪيون جيئن پکيءَ جي ننڍڙي ٻچي جا پر ڦڙڪندا آهن.

هن پنهنجا ڪلها مغروريءَ سان ڪنيا ۽ شرير کي ايمان سان سڌو جهلي هلڻ لڳو. وڃڻ لاءِ جيئن هن دروازو کوليو، تيئن هن ڏٺو ته ڇوڪريءَ جو ڪنڌ کن پل لاءِ پٺيان مڙيو. هن ڪنڌ جهڪائي انهن سهڻين اکين اڳيان سلام ڪيو ۽ هليو ويو.

رات جا يارهن لڳا هئا. شرير کي ڍلو ڇڏي، ٽنگون ڊگهيون ڪري هو پلنگ تي ليٽيو پيو هو. هنجي ڳچي سهڻي هئي ۽ ڪلها نهايت موڪرا ۽ ڊولائتا هئس، پر انهن مٿان رکيل سر جا وار منجهيا پيا هئا. هن ڊگهو ساهه کنيو ۽ پاسو ورائي ٻانهن تي سر رکيائين. هو ضرور ڪنهن ڳالهه تي خفي هو. هر گهڙيءَ پنهنجي ڏسٽيءَ تي سر جا وار ڦيرائي رهيو هو. سڌو ٿي، اکيون بند ڪري نڪ جو مٿيون حصو، ڏسٽي ۽ آڱوٺي جي وچ ۾ جهلي، هو اونهي خيال ۾ غرق ٿي ويو.

اوچتو ڪيس ڪارين اکين جي ياد آئي. نائيٽ سوٽ جو چولو هيٺ ڇڪي، پاسو ورائي، هو مشڪڻ لڳو. ڏائي ٻانهن ڏانهن ڏسي، انکي ڊگهو ڪري وري هٿ اڳيان آندائين. سندس نڙيءَ ۽ ڪلهي جي وچ واري مشڪ ٽپا ڏيڻ لڳي.

هو اٿيو ۽ اچي آرسيءَ اڳيان بيٺو. ساڄي هٿ سان ڇاتيءَ جي ڏائي پاسي ڌڪ هڻي پنهنجو پاڻ سان ڪلي ڏنائين. ”ٻچڙا! ڇوڪري. ذات ۾ پنهنجي ڪا خاص دلچسپي ڪانهي. وساري

پنيان هڪ حسين ڇوڪري بيهي ڳائي رهي هئي.

گيت جي لئہ تي سندس سهڻو بدن لچڪي رهيو هو.

کيس بند ڳلي سان چيڻائي ڊريس پيل هئي، جنهنجا ٽنگن وٽ ٻئي پاسا کليل هئا. پنهنجن سنهين ڊگهين آڱرين سان هوءَ چپٽي وڄائي رهي هئي ۽ نهايت دلفريب ادا سان ڳائي رهي هئي.

When the moon is there
You meet me here
Under the Palm Grove
Under the Palm Grove ...

حشوءَ ڏٺو ۽ بس ڏسندوئي رهجي ويو!

گموءَ کيس ٺونڊ هنئين. "يار! ڳڙڪائينس ڏ.و ڇا؟ انگريز تہ چوندو آهيانءَ تہ ڇوڪرين سان دوستي رکندو ڪر نہ تہ تہ هيئن بکايل وانگر پيو واجهائيندين!"

حشوءَ چڱ پڌو ئي ڪين!

گموءَ کيس ڪلهي سان ڌونڌاڙيو. "اکيون پوءِ ڏسجانس پهرين تہ ٽنگون ڏسيس، جهڙي ملائي لڳي پيئي آهي!"

حشوءَ چڱ پاڻ سان ڳالهايو، "هيءَ تہ هوءَ ئي آهي!"

"هوءَ آهي. ڪير؟" گموءَ عجب مان پڇيو.

"ڪير بہ نہ." حشو سچيت ٿي ويو هو.

حشو ڪلب مان موٽيو تہ سڄين پر کيس ننڊ نہ آئي. هو پاسا ورائيندو رهيو.

جڏهين آٿيو تڏهين سج ڪافي چڙهي چڪو هو.

به ڳل ۾ ڪپ وجهي.

رستي تي اچي حشو دل کي سمجهائڻ لڳو ”هليو هل. نه چاڻ کهڙي چڪر ۾ ڦاسان؟“ پر دل کيس مجبور ڪيو. هو آفيس ٻاهران ٿي چڪر هڻڻ لڳو.

هڪ رولس رائلس ڪار آئي ۽ اچي آفيس جي در وٽ بيٺي. چيني ڊرائيور لهي اچي در کوليو. ماس جي هڙ لهي آئي. ننيان هوءَ ڪافور جي پتلي بڻ لڳي. هن نه هيڏانهن نهاريو نه هوڏانهن. سڌوئي سڌو آدمي ۽ ننيان ائين هلي رهي هئي ڄڻ ڏور ۾ ٻڌل آهي.

آفيس جي ننيوالي ٻوڙ پاڻي اچي در کوليو. هو اندر گهڙيو. ننيان هوءَ به گهڙي! در ۾ گهڙڻ وقت هوءَ پاسيري ٿي لنگهي. حشو واڻڙو ٿي ويو! ”هنجي پٺيءَ ۾ به اکيون آهن ڇا؟“

ڇوڪريءَ ڏانهس نهاري اڻ لکو مشڪيو پر سندس اکين جون پتليون نه جنسي ناچ ڪرڻ لڳيون هيون!

حشوءَ جو سارو بدن ڀڳهر سان شل ٿي ويو.

رات جو سويل ٿي حشو گموءَ جي گهر هليو آيو. گموءَ کي سنيرڊل ڏسي چيائين، ”ڪيڏانهن تياري آهي؟“

”بس يار! ڪيڏانهن نه ڪيڏانهن ته هلبوئي. ماءُ جي ڪنواري ڌيءُ ته ناهيان جو گهر ۾ ويهي رهان؟ پر يار ڳالهه ته ٻڌ - فانگم وٽان ڪو جواب آيو؟ ٻڌو اٿم ته هو آفيسر

جو ڏنڊو ڪندو آهي. حق تي ڪروڙن جو آسامي بڻيو آهي. جڏهين ڊئڊيءَ جو پارٽنر هو تڏهين ته ڏاڍو سڌو سادو ماڻهو هو- خير .... هو ڪم جي آڇ ڪريئي به ڪٿي ته اوڏانهن نه وڃ، پاڻيهي ڪٿي نه ڪٿي بندوبست ڪري وٺبو. پلا.... هلين ٿو؟"

"ڪيڏانهن؟"

"انٽرنئشنل ڪلب ۾. ڪوالالمپر مان آئي آهي مس فاطما شيام ڪلي. ڇا ته ڳائيندي آهي! آ.... ها .... ها ...."

"نه يار! پاڻ ڪوئل نه پر ڪلئوپٽرا ئي ڏسڻ هلنداسين. اڄ اچڻي آهي، ڪٿي؟"

گموءَ سندس پٺيءَ تي ڌڪ هنيو. "تون به چڱو ڇريو نڪتين. ٻڇا ٻڌ. تون گومومل جو پٽ مان حشمتراءِ جو. تون منهنجو پيءُ لڳين ۽ مان تنهنجو. پيءُ جي صلاح مچ ۽ ميان مجنوءَ جو پارٽ ادا ڪرڻ ڇڏ. هلين ٿو يا مان ٿيان گولي؟"

"تون هل يار! پنهنجي قسمت پاڻکي ڏسون ڪٿي تي وڃي؟" ٻئي گڏ نڪتا پر ٻاهر نڪري ٻنهي الڳ الڳ رستو ورتو.

حشو اچي هڪ ريسٽارنٽ ۾ ويٺو. هڪ ڪنڊ ورتي ڪافيءَ جو پيالو اڳيان رکي ويهي رهيو. سندس دل بيچين هئي. اتي ٻاهر چڪر ڏيڻ لڳو. گهر جو رخ ورتائين پر پوءِ وري ڦري اچي هڪ هوٽل ۾ نڪتو. وسڪيءَ جي اڌ پيگ جو آرڊر ڏيئي، گلاس مان سرڪي پري هو جهوتا

”اندر اچان؟“

حشوءَ جي سڄي وجود ڄڻ ڇٽي ڏنو، ”اچو، ڀلي اچو.“ اچا هوءَ گهڙي مس ته حشوءَ کيس چيو، ”وهو.“

هوءَ سوفا تي تمام آچاتري تي ويٺي.

ٻئي ماٺ ۾ هئا. ”مون ڀيرئين ڏي ڏينهن اوهان جي وزٽنگ ڪارڊ تي اوهانجو پتو ڏسي ڇڏيو هو. هوءَ يڪساهي ڇٽي ويٺي. حشوءَ جي سڄي بدن جون رڳون سر ۾ وڃڻ لڳيون. هن سمجهيو ته سڄي ڪمري ۾ چانديءَ جون لهرون پکڙجي ويئون آهن. هن پنهنجي من کي سنڀاليو. ڏيرج رکي چيائين، ”تنهنجو نالو؟“

”چٽنگ“ هوا جي جهونڪي تي ڄڻ هڪ ننڍڙي گهنڊڻي وڳي.

”چٽنگ معني صاف وهندڙنهر. اهو نالو منهنجي ماءُ مون تي رکيو هو“ هوا ۾ ستار جي جهنڪار تري رهي هئي.

هو ڇا چوي؟ ڀيرئين خيال ڪيائين ته پڇانس هيڏي مهل ڇو آئي آهين؟ پر پوءِ سوچيائين ته اهو کهڙو نه بي فضيلتو سوال آهي؟ پر ڳالهائڻو ته ضرور هو. پڇيائينس ”ڀلا! تون منهنجو پتو ڇو ڏٺو هو؟“

هن کليو. سندس موتين جي مڪڙين جهڙن ڏندن جي قطار ڏسڻ ۾ آئي، ڄڻ موتين جي لڙي هئي، ”اوهان جنهن بي ڊپائيءَ سان فانگ سان ڳالهايو تنهن مونکي موهي ڇڏيو!“

هوءَ هاڻ سوفا تي ٺهي ويٺي. نهايت سادگيءَ سان چيائين، ”ننڍي هوندي منهنجي نانيءَ هڪ هندستانيءَ جي

ڪهاڻي ٻڌائي هئي. هن جو بدن رڪ جو نهيل هو ۽ دل سون جي! هو دشمن لاءِ موت ڀڄندو هو ۽ دوست لاءِ پاڻ مرندو هو...."

حشوءَ کي هنجي سادگيءَ تي کل اچي ويئي. "اچا! ڀلا تون مونکي دوست ٻڌائڻ آئي آهين يا دشمن؟"

هوءَ سندس اکين ۾ اکيون کپائي ڏانهس نهارڻ لڳي. اوچتو هوءَ آئي ۽ جتي حشو ويٺو هو، اتي هلي آئي ۽ اچي سندس پرسان ويٺي.

سچاتل خوشبوءِ حشوءَ کي پاڪر پاتو ۽ هنجو هوش اڏامي ويو. آمنگن ڀڙڪون ٻڄي سندس بدن کي گرم ڪري ڇڏيو ۽ سندس دل لوُندڙين وٽ اچي زور سان ڌڪ ڪرڻ لڳي.

هن گجيءَ اندر هٿ وجهي اچي ۽ سنهي ڀني ۾ ويڙهيل چينائي ڊرئگان (Dragon) جي آڪار واري منڊي ڪڍي، حشوءَ جي ٻاچ ۾ پاتي. "هيءَ منهنجي ڪٽنب جي نشاني آهي" چئي هن حشوءَ جو هٿ پنهنجي ڇپن تي رکيو. پوءِ هوءَ اتي نزاڪت سان هلي وڃي پنهنجي جڳهه تي ويٺي.

حشوءَ کي ڪجهه سمجهيوئي نه پئي ته ڇا چوان. ششتاچار جو خيال ڪندي چيائين، "ڪجهه پيئندينءَ؟"

هن کلي ڏنو، "ڇا پيارينديون؟ پاڻي؟ اسين توهان وانگر پاڻي ته نه پيئندا آهيون."

حشوءَ به کليو، "۽ اسان وٽ توهان جي چائنيز چانهه ته آهي ئي ڪين! ڀلا.... شئمپين هلندو؟"

”نه ... تنهن ڪان ٿوري برئنڊي ڏيو.“
حشو اٿيو. سامهون ڏي سائيڊ بورڊ هو. هو ٻه گلاس تيار ڪرڻ لڳو.

ڇوڪري نهايت وشواس سان سوفا تي ٿهي ويٺي هئي.
حشو گلاس کڻي آيو.
اوچتو ڇوڪري اٿي ۽ پنهنجي پوشاڪ لاهڻ لڳي!
حشو هڪو ٻڪو ٿي ويو!
”پوشاڪ لاهڻ جي ڪائي ضرورت ناهي“ هن جي آواز ۾ گنڀيرتا هئي.
ڇوڪريءَ ٿهڪ ڏنو. هوءَ اندريون ڪپڙو لاهڻ تي هئي ته حشوءَ پٺي ڏني، ”پنهنجي پوشاڪ ٺيڪ ڪري هلي وڃ“ آواز ۾ حڪم هو.
ڊريس پنهنجي سيني تي رکي هوءَ حشوءَ جي سامهون آئي. ”توکي منهنجو جسم نه کپي؟“هن ناز-ادا سان چيو.
”نه.“ حشوءَ کيس آهستگيءَ سان پري ڪيو.
هوءَ سوفا تي ويهي رهي.
”مان توکان ڪجهه به ڪونه وٺندس.“
”ڇا هر چيز جو سودو ٿيندو آهي؟“ حشوءَ جي آواز ۾ رڪاوٽ هئي.
هاڻي ڇوڪري روئڻ لڳي، ائين جيئن ڪو ٻار روئي. حشوءَ کي قياس اچڻ لڳو. آواز ۾ نرمي آڻيندي هن چيو، ”توکي آخر کپي ڇا؟ هوٽلن ۾ نچڻ....“
هوءَ اوڇنگارون ڏيڻ لڳي.... ”ڪلهوڙا منهنجي جاڙي

پيڻ آهي. سندس حقيقي نالو آچن آهن. مان چئنگ آهيان."

حشوءَ سندس پٺيءَ تي هٿ رکيو ۽ پاڻ سان چنبو "بس .... روءُ نه" ڇوڪريءَ روئڻ بند ڪيو ۽ پنهنجو منهن حشوءَ جي ڇاتيءَ ۾ لڪايائين.

ڇوڪري اتي ئي ڪلاڪن ترسي، پوءِ هوءَ موڪلائي هلي ويئي: حشو ڪيس آپرائڻ لڳو تي پر هن منع ڪيس. وري اچڻ جو واعدو ڪندي چيائين "منهنجي نشاني سوگهي رکج." جواب ۾ حشوءَ پنهنجا چپ منديءَ تي رکيا.

صبح جو سستي ۽ گهير سان پريل اکيون کٽي، حشو ميز ڏانهن وڌيو. هٿ ۾ اخبار کٽي جيئن ئي ڦيرائي ڏٺائين ته پهرئين صفحي تي هڪ وڏو فوٽو ڏٺائين. هنجون اکيون ٺي ڦاٽي ويئون!

وڏن اکرن ۾ لکيل هو "مشهور چيناڻي جاسوس مس لي جو الوپ ٿيڻ، سانده ئي ڪلاڪ پوليس جي ناڪامياب ڪوشش ـــ" ....

## هانگ ڪانگ

ڦانگم پنهنجي زال آچن کي هڪ ڏيءُ ۽ هڪ پٽ سميت ڇڏي ڏنو ۽ چيني ڊنگ سان مس يئنگم ڪوان سان لائون لهي ان سان گڏ رهڻ لڳو. سينگاپور ۽ هانگ ڪانگ جي چينائين لاءِ اها نئين ڳالهه نه هئي.

اچن پنهنجي ڌيءُ آئون کي پنهنجي پاءُ جي گهر ۾ ۽ پٽ جان کي پاڙي واري جي گهر ۾ رکيو. اها به هن لاءِ هڪ تمام رواجي ڳالهه هئي. (هن جهڙيون سڀ عورتون ٺيڪ ائين ئي ڪنديون هيون.)

هوءَ پوءِ واندي ٿي ويئي. ڏينهن جو هڪ ٽيلر وٽ چار ڪلاڪ ۽ رات جو بگ ورلڊ (Big world) ۾ ڪئبري ڊانس جي ڪنهن نه ڪنهن اسم کي پيش ڪندي هوءَ ڪو وڏو گراهڪ ڦاسائڻ جو يتن ڪندي رهي. گراهڪ هڪ رات لاءِ نه بلڪ پنهنجي جيون لاءِ.

آخر هوءَ پنهنجي ڪوشش ۾ ڪامياب ٿي، هڪ رنگوني سان رنگون هلي ويئي. هتي مردن جيئان ئي زالون هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪن. پوءِ پل ته ڪين ٻار به هجن. ته پوءِ پلا اچن چونه ائين ڪري؟

آئون پنهنجي مامي جي گهر ۾ ٻهاري پائيندي هئي ۽ ڪپڙا ڌوئيندي هئي. بدلي ۾ کيس کائڻ لاءِ اوٻاريل چانور ۽ مڇي ملندي هئي ۽ پٽ تي سمهڻ لاءِ جهوني چادر.

ڇپاڙن بنا ڏي ڪري ڳڙڪائين ته انهن جي بک لٿي. مهمان مرو اچي ته مڪائي سنگ کي ڪدوڪش ڪري چڪن ساڻ وجهي ڪري ڪارن (Chicken Corn) سوپ ناهجي! سواد لاءِ ڳاڙهن مرچن، سرڪن ۽ ادرڪ مان ٺهيل ساس ته رکيل هوندا ڏي هوندا پوءِ ڀلا پرواهه ڪهڙي؟

پر مصيبت اها هئي ته آفون صابڻ ساڻ ڌوئيندي هئي ڪپڙا مگر سندس چهرو ڌوپي اوجل پيو ٿيندو هو! هوءَ فرش اگهي چمڪائيندي هئي پر سندس اکيون ۽ وار به چمڪندا پئي ويا!

مامي هيءَ سڀ ڏسي جلي ويندي هئي. هوءَ پنهنجيءَ ڌيءَ کي ڌڪ هڻي چوندي هئي ته آفون کان سک نه- ته منهن ڪيئن ڌوئجي؟

صبوح سويل آفون ٻهاڙي پائي در کولي ڪچرو دٻي ۾ وجهندي هئي ته سويل نوڪريءَ تي ويندڙ هينري به پنهنجو در کوليندو هو ۽ پوءِ ٻئي مشڪي ڏيندا هئا! هينريءَ کي اڏين لڳندو هو ڇڻ آفون جي ٻهاڙي ڏي اوندهه کي هٽائي پرڀات ٿي آڻي.

آفون چوڏهن ورهين جي ٿي ته هڪ ڏينهن مارڪيٽ ۾ هڪ انڊونيشن واپاريءَ سڪارتو کيس ڏٺو. واپاريءَ جو پئسو چا نه ٿو خريد ڪري سگهي؟ سڪارتو چاتو ٿئي ته چينائي انڊونيشا جي مسلمانن کي ڌڪاريندا آهن پر کيس اهو به معلوم هو ته سهڻين چينائي ڇوڪرين جون مائٽون پئسي کي ڏاڍو پيار ڪنديون آهن.

بادل ڏسي ڪ ڪ ٿي پيئي. ٻاهر اونده پکڙي ته هوءَ آباسيون ڏيڻ لڳي.

سيٽ تان اٿي هوءَ (Gangway) ۾ آئي. اوچتو هن ڏٺو ته هڪ جوان سندس سامهون بيٺو هو. جوان جي ساڄي هٿ ۾ پستول هو جو هن آفون جي ٻن اکين جي وچ ۾ رکيو ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيس حڪم واري نوع ۾ چيو ته ڪاڪ پٽ (Cockpit) جي دروازي تي هلي ٻيهه.

جوان جو سڄو بدن سٽيل هو. هنجي ساڄي هٿ جي آڱر پستول جي ٽرگر تي رکيل هئي ۽ هنجي اکين ۾ هڪ جهنگلي نگاهه هئي.

آفون ٻڌي ٻنهه ڪين. موت سان ته هوءَ ساڻ سان پلي هئي. جوان جي پرنڊڙ اکين ۾ نهاري هن مشڪيو ۽ چيو "منهنجو نالو آفون آهي. تنهنجو ڇاهي؟"

جوان ڏانهس اوشواسي نگاهه اڇلي. "شٽ آپ" هن تيز ٿي چيو.

"نالو ٻڌائڻ ۾ ڇاهي؟ خبر ته پويم ته زندگيءَ جي هن گهور اونده مان نجات ڏيڻ وارو ٿورو مونتي ڪير ڪري رهيو آهي؟"

هاڻي جوان آفون جي سڊول بدن تي نظر وڌي. ڏڪندڙ تڏندر آواز ۾ چيائين "مونکي هينري سڏيندا آهن."

"هينري!" آفون جو آواز لرزي ويو. هنجي سهڻين اکين ۾ پاڻي تري آيو.

جوان جي سيٽ ڍلي ٿي ويئي. هو اتاويهن اٺيهن ورهين

جو جوان هو. وچولي ڊيگهه، ڪڪا وار، سنهي ليڪ جيان مڇيون، ٿلهن شيشن واري عينڪ ۽ گهڙرو آواز. هن سخت ۽ محڪم ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ”مونکي هيءَ جهاز هائجئڪ ڪرڻو آهي. توکي داؤ طور ڪئپٽن اڳيان هلڻو پوندو.“

”ٺيڪ آهي.“ آفون بي پرواهيءَ سان چيو.

”ڪئپٽن نه مڃيو ته توکي مرڻو پوندو.“

آفون مشڪيو. جواب ڏيڻ بنا هن پاسو ڦيرايو ۽ هلڻ لاءِ تيار ٿي.

جوان هنکي ڏٺو. مٿو گول جهڙو ڪنهن ننڍي ٻڪيءَ جو، ڳچي ڊگهي جهڙي ڪنهن شراب جي بوتل جي، وار چمڪندڙ جهڙيون ڪنهن ڏاتوءَ مان گهڙيل سنهڙيون تارون، بدن سڊول هڪ تهو جهڙو مصر جي راڻيءَ ڪلئوپيٽرا جو!

آفون جي پٺي ڏي هئي تڏهين به جوان پڇيو، ”تون ڪيڏانهن وڃي رهي هئينءَ؟“

”جهنم ۾!“

آفون جو جواب ٻڌي هو وائڙو ٿي ويو، ”چو تنهنجو اتي ڪير ڪونهي؟ ته ڪنهن وٽ وڃي رهي هئينءَ؟“

آفون ڪو جواب نه ڏنو.

هينريءَ ڪيس ڪلهي کان پڪڙي پنهنجي سامهون ڪيو، ”تون مرڻ لاءِ تيار آهين؟“

آفون جواب ڏيڻ بنا ڏانهس اکيون مٿي ڪري نهاريو.

”توکي مارڻ کان ته بهتر آهي ته مان دريءَ کان ٻاهر

تپو ڏيئي ڇڏيان!“ هينريءَ چيو.

”ڇريو آهين ڇا؟ پئراشوٽ کانسواءِ تپو ڪيئن ڏيندين؟“ آفون ابوجهاڻيءَ مان چيو.

پئراشوٽ اهو پهريندو آهي جو جيئڻ چاهيندو آهي.“

”ڏس، تون هينري آهين. اهو منهنجي لاءِ ڪافي آهي. هل تہ ٻئي ڪيڏانهن هليا هلون.“

”ڪٿي؟“

”ڪٿي بہ“ هوءَ مشڪڻ لڳي.

هينريءَ پستول کيسي ۾ وجهي ڇڏيو. ●

# نيو فيلڊس طرفان جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ۰۱ | آيل ڙي اولاڻا (ڪهاڻيون) | علي بابا |
| ۰۲ | هم اوست (ناول) | آغا سليم |
| ۰۳ | شاه لطيف جي شاعري | تنوير عباسي |
| ۰۴ | ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون) | آغا سليم |
| ۰۵ | ٻه ننڍا ناول (ناول) | آغا سليم |
| ۰۶ | شاعري جو مجموعو | آغا سليم |
| ۰۷ | مڪليءَ کان ملاڪا تائين (سفرنامو) | الطاف شيخ |
| ۰۸ | دارون هن ديواني جو (ڪهاڻيون) | نجم عباسي |
| ۰۹ | سهڻي ڌرتي (ناول) | پرل ايس بڪ |
| ۱۰ | عشق ناهي راند (ناول) | گوبند مالهي |
| ۱۱ | اڳي اڄين هياس (يادگيريون) جلد II | فضل احمد بچاڻي |
| ۱۲ | شيطانن جو ديوتا (سراسرار ناول) | البرٽ آرميڪ ڪامن |
| ۱۳ | تيرهون سج (ناول) | امرتا پريتم |
| ۱۴ | حليم بروهي مجموعو (ڪهاڻيون) | حليم بروهي |
| ۱۵ | پراڻو ماڻهو، نيون ڪهاڻيون (ڪهاڻيون) | فضل احمد بچاڻي |
| ۱۶ | ڌرتيءَ تي دوزخ (ڪهاڻيون) | نظير ميمڻ |
| ۱۷ | رات وچ ۾ (ناول) | برٽ هاليڊي |
| ۱۸ | ڪهاڻيءَ جو قافلو | نجم عباسي |
| ۱۹ | .......... (ڪهاڻيون) | مرتب: شمشيرالحيدري |


نيو فيلڊس طرفان شايع ٿيل سوهن ڪلپنا جو مشهور ناول

"رج ۽ پاڇا"

خوبصورت ٽائيٽل - صفحا - 212 قيمت -/16

## نيو فيلڊس پبليڪيشنس طرفان شايع ٿيل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٠١ | بين الاقوامي قانون ۽ تنظيم | فيروز احمد | ١٦/- |
| ٠٢ | جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ١) | طارق اشرف | (ختم ٿيل) |
| ٠٣ | اڌ ملاقات | طارق اشرف | ١٢/- |
| ٠٤ | جيل گهاريم جن سان | طارق اشرف | (ختم ٿيل) |
| ٠٥ | جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ٢) | طارق اشرف | ١٢/- |
| ٠٦ | زندگيءَ جو تنها مسافر | طارق اشرف | (ختم ٿيل) |
| ٠٧ | ٤- مارچ ۽ سنڌي جوڌا | — | (ختم ٿيل) |
| ٠٨ | بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون | امرجليل، آغا سليم نسيم کرل، ڀاڳيجو ۽ ٻيا | ١٢/- |
| ٠٩ | اونداهي ڌرتي روشن هٿ | آغا سليم | ٢٥/- |
| ١٠ | رات منهنجي روح ۾ | غلام نبي مغل | (ختم ٿيل) |
| ١١ | ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ١) | | (ختم ٿيل) |
| ١٢ | ٽڏا چپ (ڪهاڻيون) | ايشور چندر | (ختم ٿيل) |
| ١٣ | واٽون وڻجارن جون | الطاف شيخ | ١٢/- |
| ١٤ | ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ٢) | | (ختم ٿيل) |
| ١٥ | بندر بازارون | الطاف شيخ | ١٢/- |
| ١٦ | شڪليون (خاڪا) | عبدالقادر جوڻيجو | ١٠/- |
| ١٧ | يادگار ڪهاڻيون | شمشيرالحيدري ۽ ٻيا | (ختم ٿيل) |
| ١٨ | ٽين دنيا جون ڪهاڻيون | وليرام ولڀ | (ختم ٿيل) |
| ١٩ | عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون | امرجليل، جمال ابڙو، موهن ڪلپنا ۽ ٻيا | ١٢/- |
| ٢٠ | دل اندر درياءُ (ڪهاڻيون) | مددعلي سنڌي | (ختم ٿيل) |

۲۱. دل جو بندر (ناول) مصنف: اڊورل آئيوبس ـ/۱۲
مترجم: نصير اعجاز
۲۲. رهيل قرض (ڪهاڻيون) ظفر حسن ـ/۱۲
۲۳. درد جي خوشبو (ناول) قاضي خادم ـ/۱۸
۲۴. ڪنهن سان سور سليان مرتب: فيروز احمد ـ/۱٦
۲۵. فڪر جي آزادي مصنف: آسٽيفن زويڪ ـ/۲۰
مترجم: ابراهيم جويو
۲٦. منهنجو ساگر، منهنجو ساحل الطاف شيخ ـ/۱٦
۲۷. غلامن جو ٻيڙو (ناول) مصنف: ايرڪ ڪاربر ـ/۲۰
مترجم: دوست محمد پتي
۲۸. سي ٿي جوين ڏينهن الطاف شيخ ـ/۱۲
۲۹. عاشي (ناول) مصنف: هينري رائڊر هئگرڊ ـ/۲۵
مترجم: فضل احمد بچاڻي
۳۰. سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين الطاف شيخ ـ۱۲
۳۱. سڌارٿ (ناول) مصنف: هرمن هيس ـ/۱۰
مترجم: فضل احمد بچاڻي
۳۲. جپان رس الطاف شيخ ـ/۱۵
۳۳. روح جي ڳولا (ناول) مترجم: فضل احمد بچاڻي ـ/۱۰
۳۴. درد جا ڏينهن، درد جون راتيون طارق اشرف ـ/۲۰
۳۵. سانپاهو سمونڊ جو الطاف شيخ ـ/۱۳
۳٦. سورج هوندي مرجهايل نجم عباسي ـ/۱۵
۳۷. آسيہ (ناول) مصنف: هينري رائڊر هئگرڊ ـ/۲۰
(عاشي جي واپسي) مترجم: فضل احمد بچاڻي
۳۸. قلندر (ڪهاڻيون) مصنف: قرة العين حيدر ـ/۱۲
مترجم: مدد علي سنڌي

٣٩. الطاف شيخ جي ڊونبڪ تان الطاف شيخ -/١٢

٤٠. سزا جا سک مصنف: آسڪر وائلڊ -/١٢
مترجم: فضل احمد بچاڻي

٤١. بهترين سفرناما الطاف شيخ -/١٥

٤٢. للڪار (ڪهاڻيون) نجم عباسي -/١٥

٤٣. تڪل سريت مصنف: البرتو موراويا -/١٢
(ڪهاڻيون) مرتب: وليرام ولڀ

٤٤. لنڊن ڏائين لفٽ الطاف شيخ -/١٢

٤٥. تصوير جو خون (ناول) مصنف: آسڪر وائلڊ -/٢٠
(پڪچر آف ڊورين گري) مترجم: فضل احمد بچاڻي

٤٦. حليم شو حليم بروهي -/١٥

٤٧. ٻارن جون آڪاڻيون الطاف شيخ -/١٢

٤٨. سپون مصنف: خليل جبران -/١٢
مترجم: فضل احمد بچاڻي

٤٩. سفر يورپ جي ڊائري قاضي عبدالمجيد عابد -/٢٥

٥٠. آزادي خاطر (ڪهاڻيون) مرتب: فيروز احمد -/١٦

٥١. چانديءَ جون تارون (ڪهاڻيون) ماهتاب محبوب -/١٦

٥٢. مس سدا بهار چنبيلي (ناول) الطاف شيخ -/٢٠

٥٣. پيار ڪهاڻي (ناول) نجم عباسي -/٢٥

٥٤. نيگرو، عشق ۽ بغاوت مصنف: ڪرسٽوفرنڪول -/١٦
(ناول) مترجم: نصيراعجاز

٥٥. شرم ٻوٽي (ناول) گوبند مالهي -/١٢

٥٦. اکيُ ايٽن هياس فضل احمد بچاڻي -/٢٠

٥٧. ٻره ڪان ٻهرين ماهتاب محبوب -/١٦

۵۸ . بلنديون (ناول) — نجم عباسي — -/۲۱

۵۹ . رڃ ۽ پاڇا (ناول) — موهن ڪلپنا — -/۱۶

گھرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ڏنبو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ .

## نيو فيلڊس طرفان

ڊسمبر جي ٻئي هفتي ۾ شايع ٿيندو

آغا سليم جو مشهور ناول

# اُونداهي ڌرتي روشن هٿ

پهرين ايڊيشن ۾ نه اچڻ واري

هڪ مڪمل باب جي اضافي سان

پڪو جلد، خوبصورت پلاسٽڪ ڪور سان

316 صفحن تي مشتمل - قيمت -/25 رپيا

---

ڊسمبر جي آخري هفتي ۾ شايع ٿيندو

علي ٻابا جي ڪهاڻين جو مجموعو

# آيل ڙي اولاڈا

هڙئي يادگار ڪهاڻيون

آفسٽ تي ڇپيل خوبصورت ٽائيٽل

200 صفحن کان مٿي - قيمت -/20 رپيا